سچل سرمست

۽ اتهاسک روايتون

ريتا شهاڻي

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

سچل سرمست
۽
اِتهاسڪ روايتون

ريتا شهاڻي

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ
ڪراچي، 2014ع

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

چپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب جو نالو:	سچل سرمست ۽ اتهاسڪ روايتون
ليکڪا:	ريٽا شهاڻي
ڇاپو:	پهريون
سال:	2014ع
ٽائٽل ڊزائين:	ڪپتان ابڙو
ڪمپوزنگ:	اجي ڪمار ڪواڻا
ڇپيندڙ:	انٽيل ڪميونيڪيشنز 9-ربي چيمبر، ڪورٽ روڊ، حيدر آباد. فون: 022-2728541
ڇاپائيندڙ:	ثقافت ڪاتو حڪومت سنڌ.
قيمت:	200 روپيا

هيءَ ڪتاب ثقافت ڪاتي، حڪومت سنڌ پاران
حضرت سچل سرمست جي 193هين عرس مبارڪ
جي موقعي تي شايع ڪيو ويو.

ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ:

ثقافت ڪاتو ڪتاب گهر

سامهون ايم پي اي هاسٽل،
سر غلام حسين هدايت الله روڊ،
ڪراچي - 74400
فون: 021-99206073

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

فهرست

ناشر پاران	اعجاز احمد ميمڻ	5
حرف اول (روايتون)	رينا شهاڻي	7
اِتهاسڪ روايتن جو اوک ڏوک		9
سچل سرمست جي حياتيءَ سان وابستہ ڪي روايتون		16
سياسي ۽ سماجي منظر		28
سرائڪي ڪلام		33
اردو زبان جي حوالي سان مختلف روايتون ۽ رايا		37
مرغ نامو		42
روجهن بابت		43
پورب جا بيت		45
سچل جي ڪلام جا گهاڙيتا		46
ان دور جا همعصر شاعر		61
پنهنجو پاڻ سڃاڻ		66
حيرت جو اظهار		78
غير تعصبپڻو - نانڪ يوسف فقير		80
حسن ۽ عشق		87
نماڻو فقير		93
منهنجو پنهنجو تجربو		95

ناشر پاران

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪافي سالن کان سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن ۽ بزرگن جي فڪر، پيغام ۽ ڪلام کي سنڌ، پاڪستان ۽ دنيا ۾ پکيڙڻ وارو ڪم ڪندو پيو اچي. هن وقت تائين شاهه لطيف، قلندر شهباز سچل سرمست ۽ سنڌ جي ٻين ڪلاسيڪي شاعرن ۽ بزرگن سان گڏ جديد شاعرن شيخ ايياز استاد بخاري ۽ ٻين بابت وڏي تعداد ۾ ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن. حضرت سچل سرمست، شاهه سچل، سامي- جي ڪلاسيڪي ٽمورتيءَ جو هڪ اهم صوفي شاعر آهي، جنهن کي' منصور ثاني' ۽ سڏيو ويو آهي. سچل سائينءَ سنڌي، فارسي، سرائڪي ۽ اردو/هندي ٻولين ۾ شاعري ڪئي آهي. سندس فڪر جي روشني، سنڌ، سِرائيڪي علائقي، بلوچستان ۽ پنجاب جون حدون اورانگهي، هندستان ۽ دنيا تائين پکڙي چڪي آهي.

ثقافت کاتي هن کان اڳ هندستان جي سنڌي عالم سرڳواسي موتي لال جوتواڻيءَ جي پي. ايچ. ڊي جي ٿيسز "Shah Abdul Latif: his life & work" ۽ شاهه جي شارح پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي ترتيب ڏنل "شاهه جي رسالي" کي ديوناگري لپيءَ ۾ پڌ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. 'شاهه جي رسالي' کي ديوناگري روپ پروفيسر لڇمڻ پرسرام هرداساڻيءَ ڏنو آهي. اسان هن سال سچل سرمست جي عرس جي موقعي تي نوجوان محقق ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جي ترتيب ڏنل ڪتاب: "سچل سرمست جو مرثيو" ۽ سنڌي ٻوليءَ جي نامور ليکڪا سرڳواسڻ ريٽا شهاڻيءَ جو ڪتاب: "سچل سرمست ۽ اتهاسڪ روايتون" ڇپائي پڌرو ڪري رهيا آهيون.

ريتا شهاڻي، سنڌي ٻوليءَ جي برڪ ڪهاڻيڪار، ناول نويس، شاعره، سوانح نگار ۽ ترجما نگار ٿي گذري آهي. هن جي ڪهاڻين، شاعريءَ، ناولن، جيوڻين (سوانحي ڪتابن)، آتم ڪٿا ۽ سفرنامن وغيره جا 30 کان مٿي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. هن جا برصغير جي ويدانتي شاعرن ڪبير پڳت ۽ ميران ٻائيءَ بابت ٻه تاريخي ڪتاب " اڪٽ ڪهاڻي - ڪبير" ۽ "ميران ٻائيءَ سان ورتالاپ"، سنڌ ۽ هند ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪري چڪا آهن. " اڪٽ ڪهاڻي - ڪبير" ته سنڌيءَ کانسواءِ هندي ۽ اردوءَ ۾ ٻه ڇپجي چڪو آهي. ريتا شهاڻيءَ جو هي ٽيون ڪتاب ان ئي انداز ۾، سنڌ جي صوفي شاعر سچل سرمست بابت لکيل آهي، جنهن ۾ سچل سائينءَ جي زندگيءَ ۽ ڪلام جي بيان سان گڏ سندس زندگيءَ سان لاڳاپيل روايتن جو ٻه ذڪر ڪيو ويو آهي. هن سچل سائينءَ جي ڪافين ۽ بيتن/ڏوهيڙن کي 'سراسر سچ' سڏيندي، انهن بابت عالمن جا تضادي رايا ٻه پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنا آهن. ڪتاب جو آخري باب وڏيڪ دلچسپ آهي، جنهن ۾ ريتا شهاڻيءَ 'تصوراتي چؤنڪيءَ' جو نظارو ڇٽيو آهي، جنهن ۾ تصور تي ٻڌل روحاني ڪچهريءَ ۾ سچل سرمست سان گڏ سندس معتقد شاعرن ۽ جديد شاعرن جي حقيقي ڪردارن جي شرڪت ڏيکاري وئي آهي، جنهن ڪتاب کي وڏيڪ دلچسپ بنائي ڇڏيو آهي.

اميد ته هي ڪتاب سنڌ، هند ۽ دنيا ۾ 'سچل شناسائيءَ' جي حوالي سان وڏي مڃتا ماڻيندو.

اعجاز احمد ميمڻ
سيڪريٽري
ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو
حڪومت سنڌ

روايتون

تاريخ جي ڪتابن ۾ جيڪو ذخيرو اسان کي ملي ٿو جيڪو اسڪولي ڪتابن ۾ پڙهايو وڃي ٿو اُهو ڪيتري قدر صحيح آهي؟ انهن ۾ ڪيتريون ڳالهيون ڪلپنا (تصور) جي آڌار تي جوڙيون ويون آهن؟ يا وقت گذرڻ سان ڪيتري قدر بگڙجي ويون آهن؟ انهن جو اندازو لڳائڻ اسان جي وس کان ٻاهر آهي. موهن جي دڙي کان وٺي، مهاتما گانڌيءَ تائين، اٽ صديون عيسيٰ کان قبل يوناني ڏاهي شاعر هومر کان وٺي، اوڻويهين صديءَ جي آمريڪي ليکڪ او. هينريءَ تائين، سنڌن شخصي جيون کي وٺي ڪيتريون ئي ڏندڪٿائون جوڙيل آهن، انهن ۾ ڪيترو سچ سمايل آهي، اُن جي ڪٽ ڪرڻ مشڪل آهي. ها، جيڪو پاڻ، اُنهن هستين پنهنجي باري ۾ لکيو آهي، چيو آهي ۽ جيڪو رکارڊ تي آيو آهي، اُنهن ڳالهين تي اعتبار ڪري سگهجي ٿو باقي جيڪو ٻين، هنن جي باري ۾ لکيو آهي، چيو آهي يا ٽيڪاٽپٽي ڪئي آهي، اُنهن تي اسين سؤ فيصدي اعتبار ڪيئن ڪريون؟ اهي آهن روايتون، ڏندڪٿائون يا ليجنڊس (Legends). ها،

انهن هستين سان لاڳاپو ٽيل ڳالهيون، جيڪي لکيون ويون آهن، انهن جي آڏار تي اسان کي اتهاس جي باري ۾ لٽي پٽي جاڻ ضرور ملي ٿي. بنياد صحيح هوندي به ان وڻ مان جيڪي سنهيون نازڪ تاريون ڦُٽن ٿيون، اهي تکاري ٿي سگهن ٿيون ۽ تکاري آهن.

اِتهاسڪار پاڻ به هڪ انسان آهي ۽ ظاهر آهي ته هن کي پنهنجا منفرد آدرش، خيال ۽ معنائون هونديون ته پوءِ اسين انهن تحريرن کي پٽر جون لڪيرون سمجهي وشواس چو ڪريون ۽ ڪيئن ڪريون؟ پوءِ به اسان کي ان وڻ جي مضبوطيءَ جو مانُ رکي، يقين ڪرڻو پوي ٿو سچ، ڪوڙ ۽ وڏاءَ جي مرحلي کي پاسيرو رکي.

مون سنڌ جي مايه ناز شاعر سچل سرمست جي جيون ۽ ڪلام کي بيان ڪندي، سندن جيون سان لاڳاپو رکندڙ روايتن جو بيان ڪيو آهي، ڏند ڪتائون پيش ڪيون آهن، کي وشواس جوڳيون آهن ته کي ناهن، مگر انهن جي سچائيءَ کي ثابت ڪرڻ لاءِ اسان وٽ ڪو وسيلو ناهي. ان ڪري جيئن آهن، تيئن پيش ڪيون آهن. سندس ڪافيون، بيت، ڏوهيڙا، جيڪي هن پاڻ چيا يا ڳايا يا جن کي سندس طالبن لکيو آهي، اهي سراسر سچ آهن. انهن کي ڳولڻ جي ضرورت ناهي. ها، مون عالمن جا الڳ الڳ رايا (تضادي ۽ تکراري) پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

آخر ۾ مون تصوراتي چونڪيءَ جو نظارو چٽيو آهي. اهو ڪلپنا تي بڏل هوندي به حقيقي ڪردارن جي شرڪت ۽ نمائندگيءَ جو نظارو آهي. ان مان گهڻو ڪجهه واضح ٿي وڃي ٿو.

ريتا شهاڻي

پٽي، پارت
آگسٽ، 2013ع

اِتهاسڪ روايتن جو اوڪ ٻوڪ

(سچل سرمست جي حوالي سان)

اسان جي قديم عظيم، سنتن، شاعرن، ليکڪن ۽ عالمن جي جيون سان ڪيتريون ڏند ڪٿائون، مثال ۽ ڪي گهٽنائون[1] جوڙيون ويون آهن، جيڪي پيڑهيءَ در پيڑهيءَ هلنديون اچن ٿيون. انهن جي سچاين جون ثابتيون اسان وٽ هجن نه هجن، پر اسين انهن کي ناڪاري نٿا سگهون! پوءِ انهن جو سنبندُ چاهي رامائڻ جي اصلوڪي رچناڪار والميڪيءَ سان هجي، مهابارت جي ويد وياس سان هجي، يسوع مسيح سان هجي، رام چرت مانس جي رچناڪار تلسيداس سان هجي، گوتم ٻڌ سان هجي، ڪبير سان هجي، شاهه لطيف سان هجي يا اسان جي سچل سرمست سان هجي.

اڪثر ائين ٿيندو آهي ته رچناڪار يا ڪنهن روحاني پهتل شخص جي زندگيءَ ۾ ڪٿان نه ڪٿان اچانڪ ڪا گهٽنا گهٽجي آهي، ڪٿان اُتساهه (پريرٽا)[2] ملندو آهي، ڪنهن سبب هن جي ڪا اندرين ڪُنڊ ڪُلي پوندي آهي ۽ هو اوچتو ڪو ٻيو شخص ٻڌجي پوندو آهي، شاعري ڪرڻ لڳندو آهي، لکڻ لڳندو آهي ۽ ڪجهه غير رواجي ڪري وڃندو آهي. هن جي جيون جا آرٽ (مفهوم) منجي ويندا آهن، جيون جي ندي هڪ نئين ڳروٽ بدليندي آهي ۽ ڪايا پلٽ ٿي

---

[1] گهٽنائون: واقعا

[2] پريرٽا: اتساهه

پوندي آهي. ڪن حالتن ۾ تہ هو دنيا کان منهن موڙي / بي مُک ٿي ويراڳي بڻجي پوندا آهن.

رامائڻ جي اصلوڪي رچناڪار والميڪيءَ سان هڪ ڪٿا مشهور آهي. والميڪي شري رامچندر جي دور ۾ رتناڪر نالي سان ڏاڙيل هو. هو جهنگل ۾ ڦُرلٽ ڪري پنهنجي پتني ۽ پريوار (خاندان) لاءِ مڙيا، زيور ڪنا ڪندو هو. هو پنهنجي زال کي گهڻو پيار ڪندو هو ۽ ڪيس مڙيا ۽ مُنڊيون سوغات طور ڏيندو رهندو هو. هڪ ڏينهن نارد مُني هن وٽ آيو ۽ ڪانئس پڇڻ لڳو: "هيءَ جا تون ڦُرلٽ ڪري رهيو آهين، آخر ڪنهن جي لاءِ هي سڀ ڪري رهيو آهين؟"

هن جواب ڏنو "هيءُ سڀ مان پنهنجي پتني ۽ پريوار لاءِ ڪري رهيو آهيان، مان هنن سان گهڻو پيار ڪندو آهيان."

"اَڇا، اهڙي ڳالهہ آهي؟ تون هنن کان پڇي ڏس، انهن کان جن لاءِ تون هيءُ سڀ ڪري رهيو آهين، ڇا هو تنهنجي پاپن جا پاڳيدار (حصيدار) بڻبا؟"

رتناڪر پنهنجي زال وٽ ويو ۽ ڪانئس پُڇڻ لڳو: "مان جيڪا لُٽ مار ڪريان پيو توهان لاءِ، پنهنجي ڪٽنب لاءِ، توکي ڌن، مال، زيور، هار، مُنڊيون ۽ سهڻا لٽا آڻي ٿو ڏيان، اها سڀ منهنجي پاپ جي ڪمائي آهي. تون منهنجي جيون سنگتي آهين، ڇا منهنجي پاپ ۾ تون منهنجي پاڳيدار بڻبينءَ؟"

پتنيءَ پيار وچان چيو: "پراڻ ناٽ، مان اوهان جي اَرڌانگني (زال) آهيان، مان اوهان جي دک ۽ سک ۾ شامل آهيان، مان اوهان جي شريڪ حيات آهيان. مگر پاپ جي پاڳيداري مان ڪيئن ڪري سگهنديس؟ اهو تہ اوهين ڪري رهيا آهيو ۽ اوهان کي ئي پوڳڻو پوندو."

رتناڪر وري پنهنجي ٻڌي پيءُ وٽ ويو ۽ ڪائنس ساڳيو سوال پڇيائين، هن وٽان ب ساڳيو جواب مليو "تنهنجي پاپن جو حصيدار مان ڪونہ ٻڌجي سگهندس."

رتناڪر جا تاڪ لڳي ويا. هن کي اُداسي ويڙهي ويئي: "هي مان ڇا ڪري رهيو آهيان؟"

هن ڪٽي جهنگ مُنهن ڪيو ۽ اُتي هڪ وڏي وڻ هيٺان ويهي 'مران مران' جو جاپ ڪرڻ لڳو. 'مران مران' لاڳيتو چوڻ سان اهو 'رام رام' ٿي ويو. اُتان جڏهن ڪي واٽهڙو لنگهيا تہ هنن هن کي ڪو ساڌو يا جوڳي بابا سمجهيو ۽ ڪيس پوڇڻ لڳا. رتناڪر کي سڄ پڄ رام جي لنوَ لڳي ويئي ۽ هو رشي والميڪي ٻڌجي پيو.

ايوڌيا ۾ راج ڪندڙ شري رامچندر جي رام ڪٿا، رامائڻ، هن سنسڪرت ڪاويہ[1] ۾ لکڻ شروع ڪئي. ٿيو وري هيئن جو جڏهن رام جي بنواس ٿيڻ کان پوءِ هو راجا رام ٻڌيو ۽ لوڪ مريادا کي قائم رکڻ واسطي هن سيتا کي ٻيهر بن ۾ موڪليو تہ اُتي ئي رشي والميڪيءَ، گريوتي (حاملہ) سيتا کي پنهنجي آشرم ۾ پناهہ ڏني ۽ اُتي لوَ ۽ ڪُش جو جنم ٿيو. والميڪيءَ جي پرورش هيٺ ٻئي ٻالڪ سهٽا سنسڪار[2] ۽ سڄي سکيا حاصل ڪن ٿا ۽ جنگ جي فن (يُدّ ڪلا)[3] ۾ ب ماهر ٿين ٿا.

مها پارت جي مهاڪاويہ جي رچنا جي جنم سان لاڳاپو رکندڙ هڪ ڪهاڻي ٻڌائي ويندي آهي. ويد وياس جو پيءُ مُني پرسارا، جوتش وديا جي ڄاڻ رکڻ وارو هڪ ودوان هو جيڪو چنڊ تارن،

---

[1] ڪاويہ: ڪوتا، شاعري
[2] سنسڪار: ڪم
[3] يُدّ ڪلا: جنگي فن

گرهن ۾ نکتن جي اِستتيءَ[1] جي آڏار تي پيشگوئي (پوشي واڻي) ٻُڌائي سگهندو هو. هڪڙي رات هو ٻيڙيءَ ۾ ندي پار ڪري رهيو هو. رات جي اونداهيءَ ۾ آسمان ۾ تارا چمڪي رهيا هئا. هن پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪري آڪاش ۾ نهاريو. چند تارن کي ڏسي هن کي پروڙ پيئي ته جيڪڏهن ان وقت ڪنهن انسان جي ٻج جو آروپڻ[2] ٿيندو يعني ڪنهن ماڻهوءَ جي تخليق ٿيندي ته پوءِ جيڪو ٻار نوَن مهينن کان پوءِ جمندو اهو اڳتي هلي هڪ اَساڌارڻ[3]، اَپياسي، ودوان ٿيندو ۽ صدين تائين هن کي ياد ڪيو ويندو. هن هڪدم ٻيٺ تي ويڻل ستيوتيءَ سان سنيوگ[4] ڪيو. نتيجي طور پوري وقت تي ٻار ويد وياس جو جنم ٿيو. پرسارا جي پوشيواڻي صحيح ثابت ٿي. ويد وياس ويدن، اُپنشندن، کي نئ رڳو ترتيب ڏني، پر مهاڀارت جهڙي گرنٿ جي ب رچنا ڪئي.

ستيوتيءَ بعد ۾ سانتنوءَ سان شادي ڪئي ۽ هوءَ وچتر ويريہ جي ماتا ۽ ڌرتراشٽر، پانڊو ۽ ودر جي ڏاڏي بڻي. وچتر ويريہ جي گذاري وڃڻ بعد، ويد وياس ماتا ستيوتيءَ جو وچن پالينديِ، ٽنهي ٻارن جي جوابداري پاڻ مٿان کنئي. اڳتي هلي هن ئي ڌرتراشٽر جي پٽن ڪوروَن ۽ پانڊوَن جي وچ ۾ مهاڀارت جي پيشڻ يُدّ[5] ڇيڙي هئي ۽ جنگ جي ميدان ڪُرڪيتر ۾ شري ڪرشن سارٿي[6] بڻجي ارجن کي گيتا گيان ڏنو هو. اها گيتا جيڪا دنيا ۾ لوڪپريہ ۽ پرسڌ (مشهور) بڻجي پيئي آهي، اها ويد وياس جي ئي لکيل آهي، اهڙو هو ويد وياس ۽ مهاڀارت جو اِتهاسڪ پس منظر.

[1] استتي: ساراهه
[2] آروپڻ: تخليق
[3] اساڌارڻ: غير معمولي
[4] سنيوگ: جماع
[5] پيشڻ يدّ: وڏي جنگ
[6] سارٿي: مددگار

تلسي رام چرت مانس ـ تلسيداس جي جيون سان هڪ ڪهاڻي جُڙيل آهي. تلسيداس پنهنجي زال سان گهڻو پيار ڪندو هو. جڏهن سندس زال پنهنجي پيڪي گهر ٽڪڻ ويئي هئي، تڏهن هو سندس جدائيءَ ۾ ايڏو پريشان ۽ بيحال ٿي ويو جو رات جي انڌيريءَ ۾ ندي پار ڪري پتنيءَ جي ڳوٺ پهچي ويو. سندس پتني پنهنجي پيڪي گهر جي پهرينءَ ماڙيءَ جي ڪمري ۾ سُمهيل هئي. هو نانگ کي نوڙي سمجهي ان جي سهاري اوندهه ۾ پتنيءَ وٽ پهچي ويو. پتنيءَ کيس چڙٻيندي چيو "جيترو تون مون سان پيار ڪرين ٿو جيڪر شري رام سان ڪرين ته هن پؤساگر[1] مان تري پار پوين!"

ان وقت تلسيداس کي ويراڳ ويڙهي ويو. هو اُبتي پيرين گهر مان نڪري ويو ۽ رام نام جپڻ لڳو. ان بعد ئي هن کي 'رام چرت مانس' لکڻ جي پريرٽا ملي ۽ 'تلسي رامائڻ' ڪاويه ۾ لکي ورتائين. اڄ ڪروڙين ماڻهو ان جو روزانو پاٺ ڪن ٿا ۽ ڪيترن کي اهو برزبان ياد آهي. تلسيداس، رام کي ديوتا جو درجو ڏنو هو. جڏهن ته والميڪيءَ، رام کي انسان جي روپ ۾ ڏيکاريو آهي.

جيسز ڪرائيسٽ (يسوع مسيح) سان به مختلف روايتون لاڳو آهن. کيس وسپت[2] ڏينهن صليب تي چاڙهيو ويو هو. سندس هٿن ۽ پيرن ۾ ڪوڪا ٺوڪيا ويا هئا. هن صليب تي ئي پراڻ تياڳيا[3] ٻئي ڏينهن (جمعي جي ڏينهن) هن کي مُڪتي حاصل ٿي يعني هن جو resurrection ٿيو. اهوئي ڏينهن گُڊ فرائيڊي يا ايسٽر (Easter) ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي.

---

[1] پؤساگر: دنيا جو درياهه، هستيءَ جو سمنڊ
[2] وسپت: خميس
[3] پراڻ تياڳيا: پساهه پورا ڪيا

۽ ٻي روايت اها آهي ته جيسز کي وسپت (خميس) ڏينهن سوليءَ تي چڙهايو ويو مگر ڪن مُريدن جي سازش رڦي راتو رات هن کي اُتان لاڏو ۽ ڪيس هڪ غار ۾ لڪايو هو. جمعي ڏينهن صبح جو هن جو ساٿي ٿامس هن کي اُتان پڃائي ويو. هن کي وڇڻو هو يروشلم (اسرائيل) پر هو پهتا وڃي ڪشمير (پهلگام). هنن کي پهلگام پسند اچي ويو ۽ هو اُتي ئي رهڻ لڳا. چون ٿا ته جيسز جي عمر دراز رهي ۽ پهلگام ۾ عيسيٰ مسيح جي قبر به آهي. هاڻي انهن بن روايتن مان ڪهڙي صحيح آهي؟ عام طرح سان پهرين گهڻنا کي صحيح سمجهيو ويندو آهي ۽ عيسائي ڏرم وارا ان کي سچ قرار ڏين ٿا.

گوتم بُڌ ـ راجڪمار سِڌارٿ جي ماڻهن کي روڳ، ٻڍاپي ۽ مرتيو جو شڪار ٿيندي ڏسي دنيا مان دل کٽي ٿي ويئي ۽ ڪيس زندگي وئرٿ ياسجڻ لڳي. هن پنهنجو گهر بار، محل ماڙيون، تخت تاج ڇڏي جهنگل جو رستو ورتو. گهري تپسيا ڪري نرواڻ حاصل ڪيو ۽ گوتم بُڌ بڻجي ٻيو.

سنت ڪبير کي ماڻهن ۾ موجود مذهبي ٻيد ياوَ ۽ تعصب رنج پهچايو. هو پاڻ انهن نفرتن جو شڪار ٿيو هو. هن جي من ۾ بغاوت جو جذبو جاڳيو هو ۽ هو هڪ اُتم ڪوي بڻجي ٻيو. هو سماج ۾ اُٿل پُٿل آڻڻ جو خواهان هو. اڄ پنج صديون گذرڻ بعد به هو ماڻهن ۾ مقبول آهي.

ميران ٻائيءَ کي ساڏوءَ جي ڏنل ڪرشڻ جي مورتيءَ ۽ سندس ماتا جي ڏنل قول "تنهنجو گهوٽ ڪرشڻ مراري ٿيندو"، شري ڪرشڻ پريم ۽ ڀڪتيءَ جي ياونا جاڳرت ڪئي ۽ هوءَ پريم ديواني بڻجي پيئي ۽ ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳائڻ لڳي ـ 'مئن تو سانوري کي رنگ راچي'.

اسان جي شاھ عبداللطيف سائينءَ کي عشق جي ناڪاميءَ ۾ مرزا مغل بيگ جي بيعزتيءَ ۾ پرئي رَوَيي سبب ويراڳ ونيي ويو ۽ هن جو شاعراڻو شعور جاڳي اُٺيو. هو به ڳوٺ ڳوٺ ڦٽکيو ۽ نيٺ ٻِٽ تي پنهنجو مقام ٺاهي پنهنجي شاعراڻي شعور ۾ کوهجي ويو.

سائين سچل سرمست جي خانداني پسمنظر توڙي زندگيءَ سان ڪئين ڪهاڻيون جُڙيل آهن، جن جي باري ۾ مختلف عالمن جا مختلف رايا آهن. ڪن گهٽنائن کي قبول ڪيو ويو آهي تہ ڪن کي بي بنياد سڏيو ويو آهي. انهن جو ذڪر مان ايندڙ بابن ۾ ڪندس.

•

سچل سرمست جي حياتيءَ سان
وابسته ڪي روايتون

ارڙهين صديءَ جي شروعات:

جڳهه: ڪوٽڙي ڪبير ۾ ڏيوٽيءَ جي وچ تي. هڪ رعبدار شخصيت جو مالڪ گهوڙي تي سوار ٿي، سرڪاري ڪم سان وڃي رهيو هو ته هڪ ديواني ياسجندڙ عورت هن جو رستو روڪي بيٺي ۾ چوڻ لڳي، "صاحبڏنا! خدا توکي ڳولي ٿو. تون ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟ پنڌتي موتي اڇ." - ۾ پوءِ هوءَ سنڌيءَ ۾ ڪي بيت چوڻ لڳي.

ها، اهو شخص سچل سائينءَ جو ڏاڏو خواجا محمد حافظ عرف صاحبڏنو هو. هن سان ئي درگاهه درازا شريف جو سلسلو شروع ٿيو هو. هو پنهنجي وقت جو هڪ اعليٰ ترين تعليم يافته شاعر هو. جنهن سبب ڪيس موري ۾ اعليٰ سرڪاري عهدو مليل هو. ميان صاحبڏني تي رستي ۾ مليل ان ديواني عورت (جنهن جو نالو بيبي بصري هو) جي انهن جملن جو گهرو اثر ٿيو ۾ واقعي هن پنهنجو سڀ ڪجهه ڇڏي جهنگ مُنهن ڪيو ۾ خواجا عبدالله جيلانيءَ جو مريد بڻجي پيو. جنهن جي تربيت ڪيس ڪمال جو صاحب بڻائي ڇڏيو.

سچل سائينءَ جي خاندان جو تاريخي پسمنظر:

سچل سرمت جو جنم 1739ع ۾ ٿيو هو. سندس اصلي نالو عبدالوهاب عرف سچيڏنو هو. هو فاروقي خاندان مان هو ان ڪري سندس نسبت فاروقي سڏجي ٿي.

مرزا قليچ بيگ جي تيار ڪيل شجري مطابق سچل سائينءَ جي ستٽيهين (37) پيڑهي شيخ شهاب الدين سان گڏجي ٿي، جيڪو 711ع ۾ محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ آيو هو. سنڌ فتح ڪرڻ بعد ڪيس سيوهڻ جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. ان بعد لڳاتار ڇهه پيڑهيون ان هنڌ تي رهيون. سچل سائينءَ جا ابا ڏاڏا روحاني فقيرن جا مريد بڻيا ۽ هنن مان فيض حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ تمام گهڻي رياضت ڪيائون. نہ رڳو ايترو پر مخدوم صاحب، جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جي ٽين پيڑهيءَ مان سچل سائينءَ جو ڏاڏو خواجا محمد حافظ عرف صاحبڏنو هو، جيڪو درگاهه درازا جو باني بڻيو. ان صاحبڏني سان ئي بيبي بصريءَ جي رستي تي ملاقات ٿي هئي.

خواجا محمد حافظ سنڌي، سرائڪي ۽ فارسيءَ جو عمدو شاعر هو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪٿي 'صاحبڏنو' ته ڪٿي 'حافظ' تخلص جو استعمال ڪيو آهي. هتي مثال طور سندس سنڌي ڪافي پيش ڪجي ٿي:

ووڙين ڇو وڻڪار جيڏيون آهن جيءَ ۾.....

صحيح سُجاتم سرتيون، دل ۾ آ دلدار....

ڪاتيون آهن قلوب ۾، ڪيچ ڏٺي ڪوهيار....

ناحق وندر چو وجان، ياڪر ۾ پوتار.....

'و نحن اقرب'، لڏم لعلڙ يار.....

ساهئون اوڏو سپرين، ڪوهه پُڇان ٻيو يار.....

'صاحبڏني' سمجهيو تن اندر تڪرار.....

محمد حافظ (صاحبڏني) کي ٻه پُٽ هئا: ميان صلاح الدين ۽ خواجا عبدالحق. سچل سائين سندس وڏي پٽ صلاح الدين جو پٽ هو. جڏهن سچل ڇهن سالن جو ٿيو تہ سندس پيءُ جو شفقت پريو هٽ هن جي مٿي تان کڄي ويو. ان بعد سندس تربيت ڏاڏي صاحبڏني ۽ چاچي عبدالحق ڪئي ۽ ڪيس ابتدائي ديني تعليم ڏني ۽ چون تا تہ 12 ورهين جي عمر تائين سمورو ظاهري علم حاصل ڪيائين. ڪيس قرآن شريف برزبان ياد هو. ان بعد هو پنهنجي چاچي خواجا عبدالحق جو مريد بڻيو. جنهن ڪيس فارسي پڙهائڙ سان گڏ تصوف ۽ معرفت جا اونها اسرار سمجهايا. سچل پنهنجي ڪلام ۾ جڳهه جڳهه تي پنهنجي چاچي جو ذڪر ڪيو آهي. هو پنهنجي سرائڪي ڪلام ۾ چوي ٿو:

'لا، نفي' دا علم سانون، مرشد آپ پڙهايا،
هٿيا ڏنس همٿ والا، جنهن سارا هوش گنوايا،
اسان پي تنهن دي ڪيتي ياروِ مهڙا سر تي چايا،
'سچل' ٿي قربان انهان نُون، جنهان آڪي جوش جڳايا.

—

روز ازل استاد اسان نون، هڪ سطر پريت دي پاڙهي،
سامين دل دي تختي اُتي، چاهه وچون لک چاڙهي،
'سچل' عشق ٻُڌا نا ٿيوي، ڪيا جو چٽڙي ڏاڙهي.

—

هڪ ڏهاڙي مرشد مينون، آپ ايوين فرمايا،
اهو طريقا وحدت والا، سانون ڀهون خوش آيا،
'سچل' ڳالهه عشق دي سچي، ٻيا سڀ پنڌ آجايا.

—

سچل ٻين صوفي شاعرن جي فارسي ۽ عربي ڪتابن جو گهڻو مطالعو ڪيو هو. شيخ فريدالدين عطار، حسين بن منصور حلاج کان گهڻو متاثر هو. جن جو ذڪر هن پنهنجي فارسي ڪلام ۾ ب ڪيو آهي.

هاڻي اچون ان ديواني ياسجندڙ عورت جي ڳالهه تي، جنهن واقعي جي اثر هيٺ سچل جو ڏاڏو خواجا محمد حافظ (صاحبڏنو) وڌيڪ روحانيت طرف مائل ٿيو هو. ان مائي بصريءَ جو ورتانت[1] سچل پنهنجي مثنوي 'رازنامه' فارسيءَ ۾ لکيو آهي، جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو هن طرح آهي:

منهنجو ڏاڏو مشتهر صاحبڏنو،
جو محمد حافظ اعليٰ شان هو.

هڪ ڏهاڙي شهر کان ٻاهر ٿيو،
پير خاطر وات ورتيون ٿي ويو.

ڪوٽڙيءَ ۾ ڏيوٽيءَ جي درميان،
هڪ اُگهاڙي مست عورت ٿي عيان.

اَصل ۾ بصري انهيءَ جو نانءُ هو،
جنهن جي حالت کان نه واقف عام هو.

---

[1] ورتانت: ذڪر

ويجهڑو خواجا جي بيهي پاڪباز،
درد واري دانهن ڪئي هڪ دلنواز.

'ڏس تہ توکي ڪيئن ساري ٿو خُدا،
تون خدا کان ڇو ٿيو آهين جُدا؟'

بيت سنڌيءَ ۾ ٻڌايائين ٻہ ٽي،
پيش خدمت ٿو ڪيان تن کي هتي:

چري کري بصري، کري تان ڪر نانهن،
وهي پرائي وهان تنهنجو هينڙو تا هيئن ٿيو.

جيئان گهٽو جڳ ۾، پر جسم نہ جيئڙ ڏي،
باب نہ پڙهج بي، هُج آلوده اَلف سان.

ورسان وجهيو ڪاڙ ڪر سان ڪليو سمهين،
آيل هي اهجاڙ جو ڪڙ ڇڏي ٿُهہ ميڙئين!

هي ٻُڌي خواجہ صفا بيخود ٿيو،
سربسر عاشق بڻيو الله جو.

پنهنجو پٽڪو پاڙ اُڇلايئين مٿان،
مي محبت جي چکيائين چاهہ مان.

بس محبت کان سواءِ سچ ڪجھ چڏي،
جھنگ ۾ ويھي رھيو گوڏا گڏي.

چھل چاليھا ڪيا، جيئن مرد راھ،
پوءِ ھلي آيو عبدالله شاھ.

پاڻ خواجہ کي بڻايائين مريد،
لامڪان تائين پڃايائينس ديد.

روايت_1:

عالمن ۾ تحقيقڪارن جو چوڻ آھي تہ سچل سائينءَ جو مطلب مٽي شاھ عبداللطيف سان نہ، پر شاھ عبدالله جيلانيءَ سان آھي، جنھن کي ھن پنھنجو مرشد مڃيو ھو. شاھ جي درازن سان رابطو رکڻ وارين روايتن کي مدنظر رکي، ھڪ ٻيو تضاد پئدا ٿئي ٿو.

روايت_2:

مرزا علي قليچ بيگ لکي ٿو "شاھ عبداللطيف اڳ ۾ ھڪڙو پيرو ميان صاحبڏني جي ڏينھن ۾ درازا آيو ھو. تڏھن صاحبڏنو شھر جي ٻاھران ڪٻڙن جي ھيڻان غار ۾ رھندو ھو. شاھ صاحبڏني کي سمجھايو تہ 'ادا، يار کي لکائڻ نہ گھرجي' ۽ نيٺ ڪيائي ٻاھر ويھاريائينس."

مگر 'تذڪره مخاديم کھڙا" ۾ شاھ ۽ صاحبڏني جي ملاقات جو ذڪر آيو آھي، اھو بلڪل الڳ آھي. اھو ھيئن آھي:

روايت_3:

شاھ صاحب مخدوم محمدي واري زماني ۾ کھڙن ۾ ويو ھو. ھڪ ھفتو مھمان ٿي رھيو ۽ وڃڻ وقت خواجا صاحبڏني سان گڏيو. جو ان وقت ڪلھوڙن جي سرڪار جو ملازم ھو يعني بيبي بصريءَ جي قصي کان اڳ. اُتي شاھ ڪيس صلاح ڏني: "اوھان کي صاحب امانت بزرگ ٽيٽو آھي، اوھين فلاڻي جڳھ تي (جيڪا ڪيس ھن ڏيکاري) گوڏا کوڙي ويھي عبادت ڪريو." ھن پاڻ اتي ويھي ڏيکاريو. اتي ئي سندن ڏيٺ ويٺ ننڍڙي نينگر سچل سان ٿي ۽ سندس بزرگ ھئڻ جي پيشنگوئي ڪيائون. ائين چئي تہ 'اسان جيڪو ڪنو چاڙھيو ھو ان جو ڏيکڻ ھيءُ نينگر لاھيندو."

ھاڻي اھي ٻئي بيان ھڪ ٻئي سان ميل نٿا کائين. مرزا علي قليچ بيگ جي خيال موجب شاھ صاحب، صاحبڏني کي غار مان ڪيئن جڏھن ڪ مخاديم کھڙا مطابق شاھ صاحب ئي اول خواجا صاحبڏني کي سلوڪ جي راھ تي ھلڻ جي صلاح ڏني.

عالمن جي رايي موجب ٻيون بيان وڌيڪ اھميت وارو سمجھيو وڃي ٿو. باقي مائي بصريءَ وارو بيان نہ صرف سچل پاڻ پنھنجي شاعريءَ ۾ ڪيو آھي، مگر شاھ وٽان بہ تذڪري ۾ آيو آھي.

حقيقت ۾ سچل جو ڏاڏو صاحبڏنو ۽ شاھ عبداللطيف ٻئي ھمعمر ھئا. شاھ سائينءَ جو جنم 1689ع ۾ ٿيو ھو جڏھن تہ صاحبڏني جو جنم پڻ ساڳئي سال 1689ع ۾. شاھ صاحب جي وفات 1752ع ۾ ٿي، جڏھن سندن عمر 62 ورھيہ ھئي ۽ ميان صاحبڏني جي 1788ع ۾، جڏھن ھو 91 ورھين جو ھو.

روايت_4:

شاهہ عبدالله جيلانيءَ، سرمست جي ڏاڏي صاحبڏني جي پيشنگوئيءَ جي سلسلي ۾ 52_1751ع ۾ لکيو آهي. ان ۾ سندس وڏي پٽ صلاح الدين (سچل جي پيءُ) جي بدران صرف ننڍي پٽ عبدالحق جو نالو ڏنو آهي ۽ اهو چيو آهي تہ هن کي هڪ ئي پٽ ڄمندو ۽ هن جي بزرگ هڻڻ جي پيشنگوئي ڪئي آهي.

مگر حقيقت تہ اها آهي تہ صاحبڏني جي وڏي پٽ صلاح الدين يعني سچل جي پيءَ جو 1745ع ۾ ئي انتقال ٿي ويو هو تہ هن اها پيشنگوئي ڪيئن ڪئي؟ اها متين ڳالهہ صحيح ناهي.

روايت_5:

هڪ ٻي ڪهاڻي ان سلسلي ۾ جوڙي ويئي آهي، جا پڻ هڪ ڏندڪٿا جيان ياسجي ٿي، جتي هينئر درگاهہ آهي، ان هنڌ ڪڍڻ جو هڪ وڻ هو. جتي صاحبڏنو هر روز نماز پڙهندو هو. هڪ ڏينهن هن پنهنجن پُٽن جو امتحان ونڻ خاطر پنهنجي وڏي پٽ صلاح الدين کي چيو تہ وڻ وٽ پاڻيءَ جو ڪونئرو آهي، اهو وڃي کڻي اچي. هو اُتي ويو تہ ڇا ڏسي تہ اُتي رت جو درياهہ هو. هو خالي هٿين موٽي آيو. ان ڪانپوءِ هن پنهنجي ننڍي پٽ عبدالحق کي چيو تہ، "تون وڃي ڪوئنرو کڻي اچ." هن بہ ساڳيو حال ڏٺو. پوءِ بہ همٿ ڪري ڪونئرو کڻي آيو ۽ پيءَ جي خدمت ۾ حاضر ڪيائين. ان بعد صاحبڏني کي پڪ ٿي تہ فقيريءَ جي لياقت سندس ننڍي پٽ ۾ هئي. هن وصيعت ڪئي، جنهن مطابق هن مسند نشيني پنهنجي ننڍي پٽ عبدالحق کي عطا ڪئي.

سچل سائين علم حاصل ڪرڻ لاءِ تصوف، معرفت، شريعت ۽ طريقت جي ڪتابن جو خوب مطالعو ڪيو. هو خاص ڪري فارسي

صوفي شاعر فريدالدين عطار کان گهڻو متاثر هو ۽ کيس پنهنجو روحاني رهبر ڪري مڃيائين. سرمست، مُرشد عطار جو ذڪر پنهنجي فارسي ديوان 'آشڪار' ۾ گهڻين جڳهين تي ڪيو آهي.

شاهه عبداللطيف جي پيشنگوئي ته 'سچل اُن ڪُني جو ڏک لاهيندو جيڪو اسان چاڙهي آهي.' ڪنهن حد تائين صحيح ثابت ٿي. پنهي جي شاعري اعليٰ درجي جي روحاني شاعري آهي، مگر پنهي جو اندازِ بيان مختلف آهي. پنهي رهسيوادي[1] تحريرن ۾ خوب موڪيو. پر جتي شاهه اڻ سڌي نموني ۽ ٽڌي نرئي نموني سان راز جون ڳالهيون ڪيون، اُتي سچل سڌي نموني سان ۽ تکي لهجي ۾ ڏونڪي جي چوٽ تي، بيباڪ انداز سان پنهنجي ڳالهه چئي.

شاهه لطيف، لوڪ کاڻين ڏٺاران، پرتيڪن[2] جو استعمال ڪري، پاڻ کي واضح ڪيو ۽ سچل سڌي نموني سان جيڪي چوٽو هوس، سو چئي ڏنائين. مثال طور: شاهه سسئيءَ جي کاڻي ٻڌائيندي، سسئيءَ جي واتان چوارائي ٿو:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين کاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئيءَ تان سور هٺا.

جيسين مون پاڻ کي پريتم کان الڳ پائيو تيسين مون ڏک ڏاکڙا ڏٺا. ليڪن جڏهن اندر ۾ پيهي پاڻ کي پنهون سمجهيم ته سڀ سور لهي ويا. انهن سِٽن مان 'آدويت واد'[3] چٽيءَ طرح سان ظاهر ٿئي ٿو.

سچل وري ساڳئي خيال کي هن ريت پيش ڪيو آهي:

---

[1] رهسيواد: تصوف وارو، الهامي سوچ وارو عقيدو
[2] پرتيڪ: اهجاڻ
[3] ادويت واد: هيڪڙائي، وحدت الوجود

عاشق عشق معشوق اهي ئي، ڏاڻءُ ڏاڍو ڪيو ڏاهي،
پنهنجو پاڻ پسائڻ ڪارڻ، ناهه لکين ٿو ناهي،
سوئي اندر سوئي باهر، ڪيئن چوان ائين ناهي.

مالڪ اسان کي خانن ۾ ورهايو آهي. اها سندس سياڻپ آهي. اصل ۾ عاشق ۽ معشوق هڪ آهي، اهو ئي اندر آهي، اهو ئي باهر آهي، اظهار جو ڏاڻءُ کهڙو نه نرالو آهي!

سچل، سچ پڌري پٽ، بنا ڪنهن ڀِڪ لکاءَ جي چيو آهي، اِنڪري هو 'سچو' سڏجڻ لڳو. ان سبب سندس همعصر مُلا مولوي هن سان ناراض هئا. اسلام وادي بيحد ناخوش. هن هر هنڌ 'اناالحق' جو نعرو بُلند ڪيو. جنهن کي اصل ۾ ويدانتي 'اهم برهم اسمي' چون ٿا. يعني 'مان ئي پِڳوان آهيان، مان ئي خدا، مان برهم آهيان.'

صورت مورت هڪ آتيئي، نائي ڏسين نيٽن،
اکيون، ڪن، زبان هي، وڃان جيئن وڃن.

اهڙو اَدويت وادي هيڪڙائيءَ جو خيال سچل جي شاعريءَ ۾ جابجا نظر اچي ٿو:

نڪا صورت اُنهين، نڪا تار تنوار،
نڪو ڏسڻ وارو هو، نڪا سُرت سنيار،
ڪين ڏنائون ڪاٿهين، روءِ نڪا رخسار،
ٿيا سور شمار همه هُو تا حق ٿيو.

مٿئين بيت ۾ خدا سان هيڪڙائيءَ جي خيال سان گڏ هن جي نراڪار نرگڻ هجڻ جو به بيان اچي ٿو. تصوف جي تجربي ۾ جڏهن سُرت چڙهي ٿي، هڪ نراڪار روپ اُپري ٿو خال پرجڻ شروع ٿئي ٿو ۽ هڪ شڪتيءَ جو احساس ٿئي ٿو ۽ هو چوڻ لڳي ٿو:

مان اصل پاڻي آهيان، ڪيئن ٿا سمنڊ چون؟
نانءُ مٽيم ناحق جا، رکيا آلاجي ڪن؟

يا وري:

ڪي ٿا چون صوف، ڪي ٿا چون سيب،
ان ۾ ڪهڙو عيب، ڦل مڙيو ئي هڪڙو.

سچل سرمت پنهنجي شروعاتي زندگيءَ ۾ شرع جو پابند هو. پر پوءِ مٽس وجداني ڪيفيت طاري ٿيڻ لڳي ۽ هو پاڻ ۾ محو رهڻ لڳو ۽ عبدالوهاب مان 'سچل' بڻجي ڏيو.

روايت_6:

ڊاڪٽر نواز علي شوق، سچل جو خواجا محڪم الدين سيلانيءَ سان ملاقات جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

"سخي قبول محمد جي دؤر ۾ ڪامل بزرگ خواجا محڪم الدين سيلاني اچي درازن جي ٻاهران نڪتو جتي سندس سچل سائينءَ سان ملاقات ٿي. ان عارف سچل سرمست کي عشق حقيقيءَ جي چپيٽ لڳائيندي، هلڪي چمات هنئي هئي. چئي: 'تو لاءِ بس اها ئي چمات ڪافي آهي.' درويش جي چمات لڳڻ سان حضرت سچيڏني جي ڪايا پلٽ ٿي ويئي. سرمستي ۽ ڪيف (خمار) ۾ هر وقت غالب رهڻ لڳو ۽ بُلنديءَ وارا شعر چوڻ لڳو."

سچل آخري دم تائين ان سرمستيءَ ۾ مست رهيو. سندس ڪلام سندس اهڙين عملي ڪيفيتن جو اظهار آهي.

روايت_7:

هڪ ٻي روايت بيان ڪئي ويئي آهي تہ 'هڪ هندو واپاريءَ کي ميرن وٽان آزاد ڪرائڻ لاءِ سچل سائين درٻار ۾ شينهن بڌجي پيو. جنهن بعد مير صاحب سندس مريد بڌجي پيو.' سچل پاڻ ڪرامتن ۾ يقين ڪونہ ڪندو هو ۽ انهن جي بلڪل خلاف هو. اهڙو اظهار سندس شاعري پڻ ڪري ٿي:

عشق لڳيئي تہ ڪر آمين، نا منجهہ ڪفر نا منجهہ دين،
دل سان ذرو درد قبوليم، عشق قبول، ڪرامت ڪين.

جيڪڏهن پيار ڪرين ٿو تہ مذهب جي ٻيد ٻاوَ کي پاسيرو ڪر، مان دل جو درد قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، مگر ڪرشما ۽ ڪرامتون بلڪل نہ.

سياسي ۽ سماجي منظر

سچل سائينءَ جي زندگيءَ واري دور ۾ سياسي نظر سان سنڌ ۾ ڪافي اُٿل پُٿل متل هئي. ڪلهوڙن جي حڪومت ختم ٿي چڪي هئي. تالپر نوان حڪمران بڻيا هئا. سنڌ ننڍين ننڍين حصن ۾ ورهائجي چڪي هئي. اُن تالپر دؤر ۾ سچل سرمست، فڪر ۽ شاعراڻي بُلندي حاصل ڪئي هئي. ملڪ ۾ هر طرف ڇڪتاڻ هئي. مير، بلوچ، مڪاني حڪمران ۽ انگريز هڪ ٻئي کي کيرائڻ جي ارادي سان جنگ جوٽي رهيا هئا. ٻئي پاسي مذهبي پيد پاوَ جو به زور هو. ان وقت سچل پنهنجي شاعريءَ ذريعي بيباکيءَ سان اهڙن ناڪاري جذبن تي فتح پائڻ جي ڪوشش ڪئي:

جا نہ چوڙ جهڙي، سا مان چوان ڪيئن،
قصو آهي هينئن، هي ۽ هو هڪ ٿيو.

اهو آهي آهي، يار ساڃيو ساڃيو!

اوهين ڄاڻو ساڻ يقيني، ٻيو سو ناهي ناهي.

ميخاني وچ مست هميشہ ڪئن سو ڪعبي ڪاهي ڪاهي.

ظاهر باطن آهي اهوئي، جان چؤ وري چاهي چاهي....

نانءُ 'سچوءَ' جو آيو صفت ۾ ڏانءُ ڪيو ڪيهو ڏاهي ڏاهي....

صورت ۽ سيرت:

سچل سرمست جو چهرو نوراني، صاف ۽ سفيد رنگ جو هو. خط و خال پرڪيف، وار ڊگها، جن کي هو چوٽو ڪري مٿي ٻڌي ڇڏيندو هو. جلال ۽ مستيءَ جي حالت ۾ جڏهن هو شعر چوندو هو تہ اهي ڊگها وار اُيا ٿي ويندا هئا. وچولو قد، هٿ پير ننڍا نازڪ ۽ نرم هوندا هئس. سدائين سفيد پهراڻ پائيندو هو. آڇي ڪٽي جي چادر اوڍيندو هو. مٿي تي سائي فقيراڻي ٽوپي پائيندو هو مگر جڏهن ٻاهر وڃڻو پوندو هوس تہ ٽوپيءَ تي موڱي رنگ جو وستار پهري ڪرندو هو. پيرن ۾ ڇهنب واري جُتي هوندي هئس. چهري تي هميشہ نماڻائي ۽ اُداسي هوندي هئس، جڏ ڪنهن جي ڳولا ۾ محو هو. گهٽو ڪري ڏُڏ تي گذران ڪندو هو. لسيءَ ۾ ڳاڙها مرچ وجهي ماني پوري کائيندو هو. پر پوءِ اها بہ کائڻ ڇڏي ڏنائين. منجهند وقت ٿوري دير کاٽ جي صندل تي يا ڏرتيءَ تي آرام ڪندو هو. مطلب تہ سندس رهڻي ڪهڻي زماني کان بلڪل نرالي هئي. شروع ۾ هو گهوڙي جي سواري ڪندو هو مگر پوءِ اها بہ ڇڏي ڏنائين.

سندس وڏا عالم ۽ فاضل هئا ۽ شريعت جا پابند هئا. پاڻ بہ شريعت ۾ وڏن جو پيروڪار هو مگر ويدانتي ڪيفيت طاري هڻڻ جي حالت ۾ اها پابندي قائم نہ رهندي هئي ۽ الاهي عشق جي مهراڻ ۾ ايترو تہ غرق ٿي ويندو هو. جو ڪلام چوندي چوندي بيخوديءَ جي عالم ۾ ڪيس خدا نظر ايندو هو ۽ سموري ڪائنات ۾ وحدت جو عڪس نظر ايندو هوس. تڏهن هو ڳائڻ لڳندو هو:

وسريو روزو ناهي ياد نماز مون کي،
کيڙو مست پرينءَ جي ناز مون کي.

شوق شراب پيئان، پر وٽ راتيان ڏينهان،
کونهي وري قاضي مُلا، جو کو لحاظ مون کي،
کيڙو مست پرينءَ....

نيٽن ننڊ حرام، آوت روز ازل،
سُرندو سوز سڃڻ، جو اهي ساز مون کي،
کيڙو مست پرينءَ....

وائي وات کهاڻي، مئيءَ کي جيڪا پرين،
اچي وري هُو هُو پرينءَ جو جو کو آواز مون کي،
کيڙو مست پرينءَ....

سچل مقصد سارو، تونهين وٽ تونهين الله،
ڏَس، وري راز پنهنجي جو کو نياز مون کي،
کيڙو مست پرينءَ....

يا هن تي غور فرمايو:

پنهنجي ذات لکائي، کيئن بي ذات سڏايان،
منصوريءَ جي مؤج ۾ ٿو اناالحق الايان،
'اعليٰ اعظم شان' جي، نؤبت نينهن وڄايان.

سچل سائينءَ جي ڪلام جي مقدار بابت تضاد:

عام طرح ائين مڃيو وڃي ٿو تہ پنهنجي ڪلام جو گهڻو حصو ٻوڙائي يا ساڙي ڇڏيو هئائين. هن وقت جيڪو ڪلام موجود آهي، اهو فقط اهو آهي، جو ڪن لڪائي ڇڏيو هو يا ڪن کي ياد هو. ان جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي. ڪن جو اهو ٻہ مڃڻ آهي تہ اهو لکن جي تعداد ۾ آهي، پر اها ٻہ هڪ تکراري روايت آهي، جنهن جو فيصلو ڪرڻ ڏکيو آهي.

ٻولين جي تعداد بابت تضاد:

سچل سائين چئن ٻولين جو: سنڌي، سرائڪي، اُردو ۽ فارسيءَ جو شاعر تہ يقيني هو. ڪن عالمن کيس هفت زبان يعني ستن زبانن جو شاعر سڏيو آهي، يعني هو عربي، فارسي، سنڌي، اُردو، سرائڪي، هندي ۽ پنجابيءَ ۾ شعر چوندو هو. ٻين روايتن سان گڏ ان ڳالهہ تي ٻہ عالم متفق راءِ ناهن. ڊاڪٽر عطا محمد حامي پنهنجي مقالي ۾ ڪجهہ 'غلط روايتون' ۾ سچل کي ستن زبانن بدران چئن زبانن جو شاعر سڏيو آهي. هو لکي ٿو:

"سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ ڪٿي هڪ يا ٻہ لفظ ڪنهن ڌارين ٻولين جا آيا تہ ان شعر کي ان زبان جو شعر نٿو چئي سگهجي. اهو مونجهارو ان ڪري متو آهي، جو ڪن عالمن سرائڪي ۽ پنجابي زبانن جو ڀيد نہ سمجهيو آهي. اصل ۾ سچل جنهن ٻوليءَ ۾ گهڻو شعر چيو آهي، اها سرائڪي ٻولي آهي، جيڪا سنڌ توڙي پنجاب ۾ رائج هئي، پر پنجابيءَ کان الڳ آهي. سچل ٻين ٻولين سان گڏ سرائڪي زبان ۾ گهڻو ڪلام چيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان وقت سنڌ ۾ ڪيترن شاعرن سنڌيءَ سان گڏ سرائڪيءَ ۾ شاعري ڪئي هئي.

سچل سرمست جي دؤر ۾ سنڌ ٽن خودمختياريءَ جي دم پريندڙ رياستن ۾ تقسيم ٿيل هئي. انهن ٽنهي رياستن ۾ هڪ ئي خاندان سان تعلق رکندڙ تالپر جدا جدا حڪمران هئا. هنن سيني جي مادري زبان سرائڪي هئي ۽ ان وقت فارسي سنڌ جي سرڪاري بولي هئي. ان دؤر ۾ سنڌ جي ماڻهن جي سماجي حوالي سان وچ ايشيا ڏانهن اڃ وچ ۾ پوئين دؤر جيان جاري رهي. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ سنڌيءَ کانسواءِ ٻيون مختلف بوليون خاص ڪري فارسي، سرائڪي ۽ اُردو ماڻهو نه رڳو صحيح نموني ڳالهائيندا ۽ سمجهندا هئا، پر انهن بولين ۾ عالمن ۽ شاعرن پنهنجون تصنيفون به لکيون آهن.

•

سرائڪي ڪلام

سرائڪي بوليءَ ۾ سچل جو اوچو مقام آهي. سندس سرائڪي شاعريءَ جو پڙاڏو ايڏو گونجيو جو ان دؤر جو ڪوبہ شاعر ڪائنس متاثر ٿيڻ کانسواءِ رهي نہ سگهيو. هن سرائڪي زبان جي هر صنف کي ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو خاص ڪري سندس سرائڪي 'ڪافي ۽ ڏوهيڙي' ڪافي مقبوليت حاصل ڪئي.

بغير عشق دي ڏوجها ڪوئي ڪمال نهين،
نهين جو عشق تہ اي دوست تيڏا حال نهين.

سڃڻ دي در تي شب و روز دونهان پا رهندي،
نہ ايڏي اوڏي ٿيون عاشق ايڪ جا رهندي،
اُنهان دي عشق دا تيڪون ڪوئي خيال نهين!

ڇاڪاڻ تہ هو باشعور سڃاڻ شاعر هو ان ڪري هن پاڻ کان اڳ صوفي شاعرن: حسين بن منصور حلاج، خواجا فريدالدين عطار، جلال الدين رومي، شاهہ ڀٽائي، سلطان باهو ڪبير کي وڏي غور سان پڙهيو هو جنهنڪري انهن جو اثر نظر اچي ٿو پوءِ بہ سندس شاعريءَ ۾ نواڻ آهي.

سچل پنهنجي شاعريءَ ۾ 'صنعت سوال جواب' سهڻي نموني استعمال ڪئي آهي:

هڪ ڏينهن ميڪون مرشد آکيا: 'مي پيالا پينوين؟'

آکيم: 'ايوين سائين ايوين.'

آکيس: 'آپ سچاٽ ٻاجهون، همدم مول نہ ٿيوين.'

آکيم: 'ايوين سائين ايوين.'

آکيس: 'اَپني ذات لِکاءِ ٿ ٻيئين، تيڏا مطلب ٿيسي ڪيوين؟'

آکيم: 'ايوين سائين ايوين.'

'مؤتوا قبل انت موتوا'، مُئي پچاٽون جيوين؟'

آکيم: 'ايوين سائين ايوين.'

آکيس: 'ماريا حلاج نعرا سچل تون، جي مارين تيوين.'

آکيم: 'ايوين سائين ايوين.'

سچل پنهنجي سرائڪي شاعريءَ ۾ تصوف جي مسئلن کي آسان زبان ۾ بيان ڪيو آهي. سرائڪي شاعريءَ ۾ سچل سائينءَ جو ممتاز درجو آهي. سندس شاعريءَ جو ڪئنواس وسيع آهي، جنهن ۾ انساني جذبن ۽ احساسن جون تصويرون چٽيون ويون آهن، جي بيشمار آهن.

سرائڪي شاعريءَ جو نامور اديب 'صديق طاهر' سچل سائينءَ جي سرائڪي شاعريءَ جي باري ۾ چوي ٿو:

"سچل سرمست سرائڪي زبان جي شاعريءَ جي آسمان جو روشن ستارو آهي. هو سرائڪيءَ جي شاعريءَ جي ميدان جو واحد شهسوار آهي. هن زبان جي هر صنف کي ڪاميابيءَ سان نباهيو آهي."

ڊاڪٽر نواز علي شوق ان ڏس ۾ لکي ٿو:

"جهڙيءَ طرح شاهه عبداللطيف سنڌي شاعريءَ کي عروج تي رسايو، اهڙيءَ ريت سچل سرمست وري سرائڪي شاعريءَ کي ڪمال تي پهچايو ۽ سرائڪي ڏوهيڙن ۾ ڪافيءَ کي مقبوليت عطا ڪئي."

علي گوهر درازي لکي ٿو ته، "سرمست سائينءَ جو ڪلام سِڪ، سوز، درد، گداز، جولان، مستي، عبرت، حقيقت ۽ معرفت سان پرپور پنڌار آهي، جو بيخودي، موج، مستي ۽ وجد جي حالت ۾ چيل آهي. جنهن حالت ۾ سندس ڏڳها وار اُڀا ٿي ويندا هئا، نيٽن مان ساوڻ ۽ برسات مثل نار جاري ٿي ويندا هئا، جنهن جا ڳِلن تي گهارا نهي ويندا هئا، سندس ڪلام جي رواني تيز هوندي هئي، گويا درياهه اُتلي پوندا هئا، ڪلام کي لکڻ لاءِ ميرن جا ڪاتب موجود هوندا هئا ۽ چون ٿا ته لکندي لکندي ٽڪجي پوندا هئا. جوش، مستي ۽ وجد جي حالت ۾ 'اناالحق' جو سُر آلاپيندا هئا، جيئن 'ديوان آشڪار' ۾ ڏيکاريل آهي:

هر ڪجايم، جا بجايم، من خدايم من خدا،
تاج شد، پوشيده ام، از درد اين خاکي خدا.

(هر جاءِ، هر هنڌ ته مان موجود آهيان، مان خود خدا آهيان،
چا ٿي پيو جو درد کان هي خاکي جامو پاتو آٿم.)

حقيقي عشق جي آخري منزل سرمستي آهي. سچل سرمست پنهنجي سرمستيءَ واري ڪيفيت کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

"هن سرمستيءَ جي حالت، مون کي امڪان جي اعليٰ منزل تي پهچايو آهي. سوين بادشاهه منهنجي در تي غلام آهن. اي دل، تون چا ٿي سمجهين ته مان گدا آهيان؟ ان گدائيءَ ۾ مان ٻنهي جهانن جي بادشاهي ٿو ڪريان. اي زاهد، توکي هن مسڪيني حالت جي ڪهڙي خبر؟ ان مسڪيني حالت ۾ منهنجي سِر تي شهنشاهي تاج ڏريو ويو

آهي. مان وحدت جو شراب پي مُڪت ٿيو آهيان. مان جهان جو بادشاهہ آهيان. گرچہ مان خلق جي نظر ۾ خراب آهيان."

سچل جو چوڻ آهي تہ سالڪ جڏهن فنا جي درجي تي پهچي ٿو تہ حق پنهنجو جلوو پاڻ پسائي ٿو:

ڪاگا ني يہ خبر سنائي، اس يار ميري گهر آويگا،
آويگا ول جاويگا، ڦِر تجهڪو برهہ بچاويگا.

يار ميلا غيور ازل سي، عاشق ڪو آزماويگا،
پهلون مک وکلاوي گا، پهر وو مستي هجر اُڙاويگا.

دم دم دوست دلاسا دي ڪر، پيالا سوز پلاويگا،
ڪس دن آپ وِکاويگا، ڦر ڪس دن آپ ڇپاويگا.

•

اردو زبان جي حوالي سان

مختلف روايتون ۽ رايا

اُردو ادب جي شروعات (1121ع) ۾ آغا مسعود سعد سلمان جي شاعريءَ سان ميجي ويجي ٿي.

عالم مجيين ٿا تہ ان بعد امير خُسرو جو نالو اچي ٿو جنهن قديم اُردوءَ جي شاعري ڪئي. هن جي اُردوءَ کي 'دهلوي' نالو ڏنو ويو. جڏهن تہ ان جو ٻيو نالو 'ريختہ' آهي. ڏکڻ ۾ ان زبان کي 'دکني' سڏيو ويندو آهي. سنڌ ۾ يارت جي ٻين پرڳڻن جا سياسي ۽ تجارتي حوالي سان، لاڳاپا گهڻا هئا. ٻنهي طرفن کان عام ماڻهن سان گڏ شاعرن، عالمن ۽ اديبن جي وچ ۾ اچ وچ جاري هئي. ڪن حالتن ۾ شاعر ۽ عالم ٻاهران هجرت ڪري سنڌ ۾ اچي رهيا ۽ ڪيترا سنڌ ڇڏي ٻين علائقن ۾ وڃي وسيا. لهاڏا عالم ۽ شاعر پاڻ سان ٻنهي طرفن جي ٻولين کي گڏ کڻي هليا. اُردو ادب پنجاب ۽ اُتر يارت ۾ تہ اُسريو سنڌ ۾ بہ اُردو شاعريءَ جا اهجاڻ ملن ٿا.

قديم دور ۾ وري هنديءَ کي 'هندوي' سڏيو ويندو هو.

حافظ محمود جو رايو آهي، "غوري حڪومت جڏهن گاديءَ جو هنڌ لاهور کان دهليءَ ڪيو هو مسلمان فوجين ۽ ٻين اُردو پاڻ سان گڏ دهلي پهچائي." هن جو چوڻ آهي، 'قديم اُردوءَ تي گهڻو اثر پنجابيءَ جو آهي.'

حافظ محمد شيرانيءَ ان رايي کي وڌائيندي چيو آهي، "عربي فارسي لفظن جو ميل جول هن کان اڳ جنهن حصي ۾ سپ کان پهرين ٿيو اهو سنڌ ئي آهي. جنهن جون حدون ان وقت ملتان کان بکر تائين ۽ ڏنڊي جي ڪناري تائين پهتل هيون."

جميل جالبي جالبي پنهنجي ڪتاب 'تاريخ ادب اُردو' ۾ لکي ٿو: "اُردوءَ جو جنم سنڌ بلوچستان جي سرحد ۾ چيو ويو آهي." هڪ ٻئي عالم جي خيال موجب، "اُردوءَ جي جنم ٻومي ڪوهستان جي علائقي ۾ آهي."

جميل جالبي ان حوالي ۾ لکي ٿو: "اُردوءَ پشتوءَ جي بدن مان جنم ورتو. هندوي (هندي) هن ۾ ابتدائي شڪل هئي. هن جا لوڪ گيت اڄ به قديم اُردوءَ جي ياد تازي ڪن ٿا."

هڪ ٻيو نظريو اهو آهي ته اُردوءَ جو جنم ڏکڻ پارت ۾ ٿيو هو. پروفيسر هاشمي لکي ٿو: "ان ۾ شڪ ناهي ته 1300ع جي آس پاس دکن ۾ اُردو يا دکني مروج هئي ۽ ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته اُردوءَ جو آغاز شاهجهان جي دؤر ۾ نه بلڪ ان جي ابتدا گهڻو اڳ ٿي چڪي هئي."

اسان ڏٺو ته اُردوءَ جي جنم يا جنم استان جي باري ۾ مختلف رايا آهن ۽ جنهن زبان کي اسين 'اردو' سڏيون ٿا، ان جا مختلف وقتن ۽ مختلف جڳهين تي الڳ الڳ نالا هئا. ريختہ ۾ جيڪا شاعري سڃل ڪئي، ان کي دهلوي ۽ دکني سڏيو ويو ٿو. امير خسرو جي اُردوءَ کي دهلوي سڏيو ويو ٿو.

سڃل جي اُردو شاعريءَ جو نوع دکني آهي ۽ سندس اُردو شاعري سنڌي سرائڪي ۽ هندي گاڏڙ آهي ۽ ان ۾ دکني اُردوءَ جيان 'سين'، 'ڪُون' لفظن جو ڪافي استعمال آهي. جمع جو طريقو به دکني زبان وانگر 'الف ۽ نون' اکرن جي اضافي وارو آهي. مثال طور فريادان، بهاران، هزاران، پڪاران، عاشقان وغيره.

عالمن جا مختلف رايا، ان ڳالهه کي ثابت ڪن ٿا تہ اِتهاس ۾ اهڙا ڪيترائي مُدا آهن، جي تضادي آهن تہ الڳ الڳ روايتون پڻ آهن. اکيون پوري اسين صرف هڪ مت تي هجون، اهو ممڪن ناهي.

فارسي ڪلام:

سڄل جي چئن زبانن ۾ چيل ڪلام ۾ فارسي ڪلام کي وڏي اهميت آهي. سنڌ ۾ فارسي شاعريءَ جا ابتدائي اهڃاڻ اسان کي تيرهين صدي عيسويءَ ۾ ملن ٿا. چيو وڃي ٿو تہ 1400 تائين ايران جا ڪيترائي خاندان سنڌ لڏي آيا، جن جي لساني اثر هيٺ سنڌ ۾ به فارسي علم پرائڻ شروع ٿيو.

سڄل سائينءَ جون فارسي تصنيفون ديوان آشڪار سميت ڏهه ٿيندیون، انهن جو مختصر بيان هن ريت آهي:

(1) ديوان آشڪار ـ فارسي غزلن، ننڍين مثنوين، ڪجهه قطعات جو هي مجموعو چار پيرا ۾ جلدن ۾ شايع ٿي چڪو آهي. هيءُ ڪتاب تصوف جو هڪ مُلهائتو خزانو آهي، جنهن مان سڄل جي بيخودي، ذوق، مستي ۽ بيباڪي عيان ٿئي ٿي.

(2) ساقي نامو ـ هن ۾ سرمست جا 21 قطعا آهن، جن ۾ ازل کان ساقيءَ کي معرفت جي شراب ۽ حقيقي عشق جي طلب آهي.

(3) مثنوي راز نامو ـ هن ۾ 862 شعر درج ٿيل آهن. اهو سنڌي نثر ۾ 1968 ۾ ترجمو شايع ٿي چڪو آهي.

(4) مثنوي تارنامي ۾ 146 شعر آهن، تنبوري جي تار جي زباني رمزون بيان ڪيل آهن.

(5) مثنوي گذار نامي ۾ 224 شعر آهن، جن ۾ وحدت الوجود جو بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ جڏهن سالڪ پنهنجي جسماني هستي فنا ڪندو، تڏهن حقيقي بقا ماڻي سگهندو.

(6) عشق نامو ـ هن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ جڏهن حق، انسان جي روحانيت جاڳائي، عشق جي آگ جلائي ٿو تہ پنهنجي طور انسان لامڪان ٿي وڃي ٿو. هن مثنويءَ ۾ عشق ۽ عقل جو بحث ڪندي، سڃل، عقل کي عشق جو دربان ثابت ڪري ٿو. هن مثنويءَ ۾ 151 شعر آهن.

(7) مثنوي دردنامو ـ سڃل سمجهائي ٿو تہ سالڪ درد واري بيخودي ۾ رهڻ سان فنا جو ماڳ ماڻي، بقا حاصل ڪندو ۽ اهوئي وحدت جو سچو مارگ آهي. هن مثنويءَ ۾ 86 شعر آهن.

(8) مثنوي رهبر نامو ـ هن ۾ هڪ سوداگر جي آکاڻيءَ ڏئاران تن قسمن جي ماڻهن جو بيان ڪيو ويو آهي: (1) پهريان اهي ماڻهو، جن جو سنبنڌ صرف کاڌي پيتي تائين آهي. (2) ٻين ماڻهن جي محدودگي، لباس ۽ دنيوي چيزن تائين آهي. (3) ٽيان وري اهي بادشاهہ لوڪ آهن، جيڪي لعل گوهرن جا خريدار آهن ۽ اهي ئي سچا عاشق ۽ وحدت جي واٽ جا پانڌيئڙا آهن.

(9) مثنوي وحدت نامو ـ هن ۾ ڪن مثالن ذريعي ڪي واقعا بيان ڪيا ويا آهن. ان ۾ دين جي بزرگن جو احوال ڏنو ويو آهي، جن ۾ وحدت الوجود جي تند تنوار آهي.

(10) وحدت نامو ـ 64 بندن جو هڪ طويل نظم آهي، جنهن جي هر بند ۾ ڇهہ هم قافيہ مصرائون آهن. هڪ مثال (ترجمي سان) هتي پيش ڪجي ٿو:

محبت ۾ مخمور ٿيا، ڪامل ڪوڏ ڪُسن،
ڪُرڪَنِ ڪِنجهن ڪينڪي، جڙ پار وهانءَ وَجن،
رتَ منجهارُون پانهنجي، وضو ويرِ ڪرن،
ايءَ نماز عشق جي، ٿِهؤن پوءِ پڙهن،
جي محبت وڏا مامري، سي ڪيئن مُڙس مُڙن،
سوريءَ اُتي صابري، ڪيون ڇيڄ ڇڙهن،
تَحتون تِريءَ تي رکيون، صادق سِر ڏين،
ڪن سِرُ صدقي دوست تون، ٻيا پهه ڪين پُڇن،
نينهن نِهوڙيا نڪٽيان، جنهن پَر ڪاپڙين.

•

مرغ نامو

ڪانگ جو اڪثر شاعريءَ ۾ ذڪر ايندو آهي، پوءِ اها چاهي هنديءَ جي ڪويتا هجي يا اُردوءَ جي. جدائيءَ جي ورهه ۾ ڪانگ کي مخاطب ڪيو ويندو آهي. ڪڏهن هن کي قاصد بڻائي، پرينءَ ڏي پيغام موڪليو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪانگ پيغام ڪٽي به ايندو آهي. مرغ نامو مختلف بيتن ۾ چيل آهي، جن ۾ ڪافيون به شامل آهن. ڪانگ جڏهن محبوب جو پيغام ڪٽي آڇي ٿو تہ سڃل چوي ٿو:

پني ۾ پيغام ڪي لکي مُکا سڃڻين،
سي نہ سمجهن عام جي آهن منجهہ اِشارتان.

—

ڪي جو لکيائون، پني منجهہ پريت جو،
اُهو پَسي آئون، بيخود ٿيڻس سرتيون.

—

ڪا جا ڪتابت، لکجي آئي پرينءَ ڏنهن،
'سچو' سا ثابت، هونهنئون واچڙ نہ ٿئي!

—

لکيون لَس لڙهان، ساجن سلامن جون،
اُهو پرزو پاڻ پڙهان، ٻڌايان نہ ٻين کي.

•

روجھن بابت

سچل سرمست طرح طرح جا مثال (پرتيڪ) چونڊي پنھنجي برھ جي بيقراريءَ کي اظھاريو آھي. ڪڏھن سوداگر جي آکاڻيءَ کي کڻي، ڪڏھن ڪانگ جي نمائندگيءَ سان، تہ ڪڏھن روجھ (گانءِ) جي برسات لاءِ واجھائڻ کي تمثيل ونڊي شعر چيا آھن.

روجھ - گانءِ جھڙو ھڪ جابلو جانور آھي، جنھن کي پاڻيءَ جي تلاش ھوندي آھي ۽ ان لاءِ ھوءَ ڦرندي پٽڪندي رھندي آھي. ھوءَ مينھن جو انتظار ڪندي آھي. اھڙيءَ طرح جيئن ھنديءَ ۾ چاتڪ پکيءَ جو ذڪر ايندو آھي، جيڪو پاڻيءَ لاءِ واجھائيندو رھندو آھي.

سچل روجھن جي بيچينيءَ ذريعي پنھنجي اندر جي اُڃ جو ورنن (ذڪر) ڪيو آھي:

آسروند آھين، روجھون راڻيون رُڃ ۾،
اُيپون پيون اُپ ڏي، ٽيو وائڙيون واجھائين؛
رڙيون ڪيو رڻ ۾، ٽيو بوندون برسائين؛
تنھن ڪُنڊ ٽيون ڪاھين، جنھن ڪُنڊ وَسن مينھڙا.

روجھون پاڻيءَ جي تلاش ۾ ھِتي ھُتي پٽڪنديون آھن، اھي روئنديون آھن، گجگوڙ جو آواز ٻڌي ڊڄي ھڪ ھنڌ ٻيھنديون آھن. جھڙي نموني روجھون پاڻيءَ لاءِ واجھائينديون آھن، اھڙي طرح سچل ب پنھنجي طالب سان ھڪ ٽيڙ لاءِ تڙڦي ٿو:

رڻ چڑهي روجهان، ويون وري ڪٽ ڪري،
سبز سيڙيون اَڻون ساوڙيون، سيڪا چاهڪ چري،
پُري آئيون پِيئي تي، پهاڙون پري،
ويَن ڏولائي ڏينهڙا، سَيڪا پل پري،
'سچو' مون نہ سري، ريءَ ميلائي سڃٽين.

—

هي رڻ چڑهيون روجهڙيون، ڪيون ڏولاون ڏکيون،
جبلن سندي جهولئين، پِرُ هُيون بُکيون،
ٽيون هاڻي سپ سُکيون، جو مُندين اُڻن مينهڙا!

—

رڻئون آيون روجهون، جو سنيالياڻون ديسُ،
مُندين اُڻن مينهڙا، وسري وين پرديسُ،
جي هيون اُڻي ري آديسُ، سي پڻ سُرهيون ساهَ ۾

●

پورب جا بيت

جهڙيءَ طرح شاهہ عبداللطيف هندو فقيرن جو ذڪر ڪيو آهي، اهڙيءَ طرح سچل سرمست انهن فقيرن جي باري ۾ 'پورب جا بيت' چيا آهن. چاڪاڻ تہ اهي سنڌ جي پورب کان ايندا هئا، هنن بيتن ۾ هندو فقيرن جي سفر جو بيان ڪيو آهي:

گنگا کانءُ گذر، آهہ ڪنبن ڪاپڙين جو،
ڪڏهن لوڪ نہ لڙيا، سدا تن سفر،
آهي نام مشر، انهن آڏوتين جو.

هن اڪثر جوڳين کي 'آدوتي' ڪوٺيو آهي. آڏوتي سنسڪرت جو لفظ آهي. جنهن جو مطلب آهي تياڳي، جنهن سنسار ڇڏي ڏنو آهي.

جوڳين آهہ نہ جنگ، آهن سلوڪي سپ مان،
جيجان هن جهان ۾، آهن طريلا تنگ،
ڪنهن جي رتا رنگ، ماڻڪ منهن مشعلان.

سچل انهن لاهوتين کان متاثر ٿيو هو. چاڪاڻ تہ انهن کي بہ مالڪ جي تلاش هوندي آهي.

جوڳي پانتون پات، پر منهنجو انگ آڏوتين سان،
سفر ويا ساجهري، رهيا رُڳي رات،
صاحب تنهن جي تات، راتيان ڏينهان روح کي.

•

سچل جي ڪلام جا گهاڙيتا

بيت:

سچل جي سنڌي، سرائڪي ڪلام ۾ گهٽي مقدار ۾ بيت ملي ٿو. سچل کان اڳ به هيءَ صنف سنڌي ۽ سرائڪي شاعريءَ ۾ مقبول هئي. ان جا اهجاڻ سومرن جي دؤر 1341ع کان ملن ٿا. اڳين بيت چوندڙ شاعرن ۾ شيخ حماد جمالي، قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، شاهه ۽ لطف الله قادري، شاهه عنايت رضوي آهن. ـ شاعر آهن، پر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ، فني ۽ فڪري طور بيت کي ڪمالیت بخشي. اهڙيءَ طرح سچل سرمست کان اڳ سندس ڏاڏي خواجه صاحبڏني، روحل فقير، مراد فقير ۽ ٻين بيشمار شاعرن جي شاعريءَ ۾ بيت ملن ٿا. سنڌ جي سيني شاعرن پنهنجي اظهار لاءِ بيتن جو استعمال ڪيو آهي. بيت بنيادي طور ٻن مصرعن جو ٿئي ٿو جن جي پڇاڙيءَ جا لفظ هم قافيه ٿين ٿا. ڪٿي ستن جو واڌارو ته ڪٿي قافين جي متاستا ٿئي ٿي. بيت جي صورت دوهن سان ملي ٿي. فرق رڳو ايترو آهي ته بيت جي ٻن ستن ۾ اڌ ۾ قافيو اچي ٿو. دوهي ۾ ٻنهي ستن جي آخر ۾ هم قافيه لفظ اچن ٿا. مثال طور:

بيت:

جا نه چوڙ جهڙي، سا مان چوان ڪيئن،
قصو آهي هيئن، هيءُ ۽ هو هڪ ٿيو.

(وچ ۾ قافيو)

بعضي آهيان پُتلي يا آهيان گڏيءَ ڏور.
يا گوءِ آهيان هٿ يار جي، يا وائڪيءَ وانگر زور.

(وچ ۾ قافيو)

سڄل سائينءَ پنهنجي دوهن يا بيتن ۾ پنگل شاستر (هندي ڇندن) جو استعمال ڪيو آهي. بيت ۾ دوهي سان هڪ ٻيو قاعدو لاڳو آهي تہ ٻارهن ماترائن جي آخر ۾ لگهو (ننڍي) ماترا آڻڻي آهي (جيئن هار تار) ۾ 13 ماترائن واري مصرعي ۾ پهرين لگهو (ننڍو) پوءِ گرو ماترا وارو لفظ وڃهبو (جهڙوڪ 'ياترا' يا 'ماترا'). مثال طور ندا فاضليءَ جو دوهو آهي، جنهن کي جگجيت سنگهہ ڳايو آهي:

مئن رويا پرديس ۾، رويا 'مان' ڪا پيار،
دل ني دل سي بات ڪي، بِن چٽي، بِن تار.

ان قاعدي جي بندڻ ۾ هروپرو سڄل سائينءَ پاڻ کي ڪونہ رکيو آهي، مگر مضمون يا موضوع جي خوبصورتيءَ سان هن جي شاعريءَ ۾ بلنديءِ نزاڪت آئي آهي. اصل ۾ بيت، دوهي وانگر ٻن سٽن جا ٿيندا آهن، مگر سڄل جا ڪي بيت پنجن ۽ ڇهن سٽن جا پڻ آهن. اهڙا ئي شاهہ صاحب جا بہ آهن.

هندي ڪاويہ سنسار ۾ هيءَ (دوها) هڪ سهڻي صنف آهي، جنهن کي اڪثر ڳايو ويندو آهي. ڪبير جا دوها ان وقت بہ ڳايا ويندا هئا ۽ اڄ بہ ڳايا وڃن ٿا. تلسي ڪرت رامايڻ ۾ چوپايون ۽ دوها ٻئي شامل آهن. سڄل سائينءَ بہ پنهنجي ڪلام ۾ دوهن جو استعمال ڪيو آهي. دوها ٻن سٽن جا ٿيندا آهن۽ هر هڪ ست ۾ 13_11 ماترائون ٿيندیون آهن، يعني ڪل ملائي 48 ماترائن جو دوهو ٿيندو آهي. يارهن ماترائن واري حصي جو آخري شبد هم قافيہ هوندو آهي، جيئن ڪبير جو دوهو آهي:

دک ۾ سمرن سب ڪري، سک ۾ ڪري نہ ڪوءِ،
جو سک ۾ سمرن ڪري، تو دک ڪاهي ڪو هوءِ.

سچل، شاسترن جي چند وديا مطابق ماترائن جي حوالي سان جيڪي قاعدا بيت سان لاڳو ڪيا آهن، سا ڳيا دوهن سان بہ لاڳو ڪيا آهن. يعني 11 ماترائن جي آخر ۾ لگهو ماترا ءِ تيرهن ماترائن واري حصي جي آخر ۾ لگهو ءِ گرو وارو لفظ:

سچل جو دوهو:

بعضيُ ياڀان پُتلي يا آهيان گڏيءَ ڏور،
يا گوءِ آهيان هٿ يار جي، يا وانگيءَ وانگر زور.

ڪبير جو دوهو:

بڙا هئا تو ڪيا هئا، جيسي لنبي کجور،
پنڇي ڪو ڇايا نهين، ڦل لاگي اتي دُور.

سچل جو دوهو:

آنءُ اصل پاڻي آهيان، ڪيئن ٿا سمنڊ سڏن،
نانءُ متم عاشق جا، رکيا الاجي ڪن.

سورٺو:

سورٺي ۾ وري بيت ءِ دوهي وانگر سا ڳيا قاعدا لاڳو آهن، پر مصرع جي بنهي ستن جي وچ ۾ يارهن ماترائن واري حصي ۾ قافيو اچي ٿو. هن طرح:

هڪ سفر ساعت، ٻيو سفر سال جو،
پهريون تا راحت، پويون تا پويون رهيو.

جاڻ نہ تفاوت، عبد ۽ الله ۾،
هو آهي امرت، هي پي ڏور نہ ان کئون.

جيئن اڳ ۾ چيل آهي، سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن بيت جي گهاڙيٽي سان تہ نباهيو آهي مگر چند ماترائن جي بيهڪ ڏانهن ايڏو ڌيان نہ ڏنو آهي، جاڪاڻ تہ هو بيساختہ شاعري چوندا هئا ۽ هنن لاءِ فن جي پورائيءَ کان وڌيڪ شاعري خيال ۽ خوبصورت اظهار وڌيڪ اهم هو. تڏهن تہ صديون گذرڻ بعد بہ هنن جي شاعري نازڪ خياليءَ سبب زندهہ آهي.

ڏوهيڙو:

سرائڪي شاعريءَ ۾ ڏوهيڙو چيو ۽ ڳايو ويندو آهي. ڏوهيڙي جي هر ست جي آخر ۾ قافيو اچي ٿو مگر جڏهن دوهي ۾ بہ ستون ٽيندیون آهن تہ ڏوهيڙي ۾ چار يا وڌيڪ ستون، ان ڪري اُن کي ٻٽو دوهي يا ڏوهيڙي جو نالو ڏنو ويو آهي. سچل، سرائڪيءَ ۾ ٽن، چئن، پنجن ۽ ڇهن مصرعن ۾ بہ ڏوهيڙا چيا آهن.

سرائڪي ڏوهيڙو:

شهر حسن دي وِچون چڑهدي، ڏونهين نيڙ نوابان،
ڪاهہ پوَسون، ترسيندیان نِسّي، شُوڪيان ڦرن شتابان،
قهر ڪميندیان عشاقان نون، ڏيوَن لک عذابان،
ويک 'سچل' حيران رهيا، اُٺ منهن واليان مهتابان!

سنڌي ڏوهيڙو:

توڙ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو
پاڻ بيگانو مور نہ جاڻين، آهين يار يگانو
'و نفخت فيہ من روحي'، بلڪل ڇڏ بهانو
وهم سچل ڪيڏ ٻانهپ وارو، شعلو ٻڏ شهانو

جھولڙو:

هن انوکي صنف کي پهرين پهرين سچل ئي ڪم آندو آهي. ان کان اڳ ڪنهن به سنڌي شاعر 'جھولڙي' تي طبع آزمائي ڪين ڪئي آهي.

'جھولڙو' ڏکڻ پارت جي تامل زبان جي شاعريءَ جي صنف آهي، جنهن کي تامل ۾ 'اوشل' چيو ويندو آهي. ان جو سنبنڌ اُتي جي رهڻي ڪهڻيءَ سان آهي. اُتي شادي رات جي بدران ڏينهن جو ٿيندي آهي. ان وقت هڪ 'پينگھو' سينگاريو ويندو آهي ۽ گھوٽ ڪنوار کي اُن ۾ ويهاريو ويندو آهي. ان موقعي تي جيڪي گيت ڳايا ويندا آهن، انهن کي 'اوشل' چيو ويندو آهي. 'جھولڙو' ڏکڻ مان ڦرندو سنڌ ۾ پهتو. ان کي پهريون پيرو سنڌ ۾ 'جھولڙو' چيو ويو. ان دور ۾ روحل فقير هنديءَ ۾ 'جھولڙو' چيو هو. مگر سچل ۽ روحل فقير جي 'جھولڙي' ۾ فرق آهي. روحل جي جھولڙي ۾ گھڻو ڪري چئن ستن جو بند آهي ۽ وزن دوهي وانگر آهي. سچل سرمست جو 'جھولڙو' اٺن ستن جو ٿئي ٿو نائين ست تي وراڻي آهي. جھولڙي جي اڪثر بندن ۾ اٺ ستون ٿين ٿيون. هتي مثال پيش آهي:

سرتيون سپ ٿيس صلاحي،
هوتان راهه وڻي ويا راهي،
چو ٿينءَ ڳيڙ تنين جي ڪاهي؟
ڏونگر ڪيم ڏسائج ڏاهي،
حَب ۾ ڪونه ڪندءِ همراهي،
تڏهن چپ ڪرڻ تو چاهي،
پر هو اهڙو امر الاهي:
ٻيا سپ ويهه تون وهم وساري

آيل آڻ ملهي جا آهي،
سا ڪيئن سنگ سجڻ سان ساهي،
ٻيو تا ناهه ته هرگز ناهي،
ڏاڍن سان شريڪت ناهي،
جا پئي سپ لاڳاپا لاهي،
ڇپر ڇوهه اڳيانئس ڇاهي،
ڪيچين ڪيڏ اها مر ڪاهي،
ڪٽندي گام ته پڇندي ڪاهي،
محض انهيءَ کي ميڙ نه ماري

گهڙولي:

سچل جي ڪلام /شاعريءَ ۾ 'گهڙولي' جي صنف ملي ٿي. ان ۾ عورت جي زباني محبوب جي خدمت جو جذبو ظاهر ڪيو ويندو آهي ۽ آزي نيزاري ڪئي ويندي آهي. هن ۾ خدمت جي لحاظ کان وراٽيءَ ۾ 'گهڙولي پرڻ' جو لفظ ضرور چيو ويندو آهي. ستاءَ جي لحاظ کان هي ننڍين ننڍين بندن تي ٻڌل هوندي آهي. هر بند ۾ ٽي ستون ۽ هڪ وراٽي 'مين تو گهڙولي ٻردي هان' هوندي آهي. بند جون پهريون ٻه ستون هم قافيه هونديون آهن ۽ سمورن بندن جون ستون پاڻ ۾ هم قافيه آهن. مثال طور:

پير پيران سائين حضرت ميران، نام ڳنهي جنهن ٽُٽيان زنجيران،
ڪامل مرشد ڪردي هان، مئن تو گهڙولي ٻردي هان.

نوح نبي دي ٻيڙي آئي، جنهن وچ حضرت محب الاهي،
صدق ٻيڙيءَ تي چڙهدي هان، مئن تو گهڙولي ٻردي هان.

حسن حسين علي دا ڄايا، بار امت جا سِر تي ڇايا،
ٻانهي شاهه حيدر دي هان، مئن تو گهڙولي ڀردي هان.

سڄل سارا نُور الاهي، حضرت پير دي هي همراهي،
هر دم رب رب ڪردي هان، مئن تو گهڙولي ڀردي هان.

مٿين گهڙولي، عابده پروين، بيحد ڪاميابيءَ سان ۽ سهڻي نموني سان ڳائي آهي.

ٽيهه اکري:

ٽيهه اکري (سه حرفي) شاعريءَ جي صنف، عربي ٻوليءَ جي اناويهن اکرن، جن ۾ 'ء' ۽ 'لا' کي ملائي ٽيهه اکرن جي ستاءَ سان جوڙي ويندي آهي.

سڄل جون سرائڪيءَ ۾ ٽيهه اکريون ملن ٿيون. سنڌيءَ ۾ پڻ هُن، هِن صنف ۾ ڪيترائي تجربا ڪيا آهن.

هن صنف جي بندن جي تعداد تي ڪو بندڻ ناهي، مگر هر بند جي هر مصرع الف - بي جي پهرين حرفن سان شروع ٿيڻ گهرجي. سڄل سرائڪي ٻوليءَ ۾ هن صنف تي ڪافي تجربا ڪيا آهن. ٽيهن بندن واريون، ٻتيهن بندن واريون توڙي انهن کان گهٽ بندن واريون سي حرفيون هن چيون آهن. جتي هر بند جون ستون پاڻ ۾ هم قافيه ۽ هر بند جا قافيه جدا جدا آهن. سچ جتي ستاءَ ۾ وسعت آندي آهي، اُتي قافيي ۾ نواڻ پيدا ڪئي آهي.

سڄل جي سرائڪي سر حرفين جي پهرين ست جو حصو پيش آهي:

(1) آءُ ميڏي دل جاءِ نيتئي،
جي جاءِ نهين، هاءِ هاءِ ميان....

(2) الف ـ آڇ لڳي عشق والي،
آيا هادي والا اسان تي حال، ميان!

سنڌيءَ ۾ سندس ٻه ٽيهه اکريون ملن ٿيون:

آءُ جاني ڪر آحساني، محب مهرباني....
گهوريان مڏيون مال
ساجن لهه سنيال!
تنهنجي ناهه مجال
ورنهه ڏي وصال
ساجن لهه سنيال!

آءُ پيارا جانب جيءَ جا جيارا....

ٻن سٽن وارين اوٽٽيهن بندن ۾ ٻڌل هيءَ انوکي انداز واري ٽيهه اکري آهي.

ڪافي:

سچل سائينءَ جي رڳ رڳ ۾ راڳ سمايل هو. هو طبلي ۽ سارنگيءَ تي هٿ لڳڻ شرط بيخود ٿي ويندو هو ۽ اڪثر بيخوديءَ ۽ سرشاريءَ ۾ شعر چوندو هو ۽ سندس طالب لکندا ويندا هئا.

سچل سائينءَ جي گهڻي شاعري سرائڪيءَ ۾ آهي ۽ هن شاعريءَ ۾ گهڻي ۾ گهڻي شاعريءَ جي صنف ڪافيءَ جِي چئي آهي.

چاکاڻ تہ هو موسيقيءَ جو شيدائي هو. هن جون گهڻيون ڪافيون ڳايون ويندیون آهن، جن جو سنگيت شعر جي بول ۾ سمايل آهي.

سندس ڪي ڪافيون اڄ بہ هند ۾ توڙي سنڌ ۾، لوڪن جي دلين ۾ گونجن ٿيون، جن کي ڳائين ٿا، پاڻ بہ لطف ونڻ ٿا ۽ ٻين کي بہ فيض حاصل ڪرائين ٿا. انهن جا تفصيل مان اڳيان هلي پيش ڪنديس.

ڪافيءَ جو تعلق ڳائڻ سان آهي. اهو سنگيت جو هڪ ڀاڱ بہ آهي تہ سُر بہ، جنهن جي جاتي 'سمپورڻ' آهي. چاکاڻ تہ ان ۾ سيٻيئي ست سُر لڳن ٿا. ان جي آروهي ۽ امروهيءَ ۾ ست ئي سُر استعمال ٿين ٿا.

مت ٻيد:

عالمن جا هن صنف جي باري ۾ مختلف رايا آهن. اهو سمجهيو وڃي ٿو تہ امير خسرو پهرين پهرين اُردوءَ ۾ هن کي ايجاد ڪيو ۽ ان کي ڳايو بہ هو. ڈاڪٽر بلوچ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ' ۾ فرمائي ٿو تہ امير خسرو ان کي ايجاد ڪونہ ڪيو. البت اهو سچ آهي تہ ان دؤر ۾ ڪافي ڳائڻ جو رواج ٿي چڪو هو.'

سنڌي ڪافي ڳائڻ جا ٻيا بہ پراڻا حوالا ملن ٿا. ڪن جو چوڻ آهي تہ برهانپور جو سنڌي اوليا فتح لاڏجيو 1598ع ۾ سنڌي موسيقيءَ ۾ ڪمال جي مهارت رکندو هو ۽ خاص ڪري سنڌي ڪافي ڏاڍي سوز سان ڳائيندو هو.

مير محمد معصوم بکري پنهنجي فارسي ڪتاب ۾ لکي ٿو 'سندس پاءُ مير قاسم سنڌي شعر ڪافي نهايت سهڻو چوندو هو. 'آئين اڪبريءَ' مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪافي سنڌ جو مقبول راڳ هو.'

ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ ڪافي لفظ 'ڪافي' نہ بلڪ 'قافي' آهي. قافيي مان نهيل ڪلام. عربي ٻوليءَ ۾ قافيہ توڙي ڪلمہ جي معنيٰ ساڳي آهي. جڏهن سنڌي شاعرن عربي شاعريءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ نظم لکيا تہ انهن کي پڻ قافيہ ۽ ڪلام سڏيائون. جڏهن اهي نظم ۾ ڳائجڻ لڳا، ان ڳائڻ جي طرز کي پڻ قافيہ ۽ ڪلام سڏيائون. وقت پوڻ سان هي لفظ ڪافي ۽ ڪلام جي آسان اُچار سان سڏيو ويو. ائين لکيو آهي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.

جهڙيءَ طرح شاهہ عبداللطيف 'وائيءَ' کي فني خوبصورتي بخشي آهي، سچل صحيح معنيٰ ۾ ڪافيءَ کي فني ۽ فڪري وسعت ڏيئي بلندين تائين پهچايو. حالانڪہ ان کان اڳ سندس ڏاڏي خواجا صاحبڏني جون ڪافيون توڙي سندس اُستاد حافظ عبدالله قريشيءَ ۽ بين جون ڪافيون سندس سامهون هيون. سچل جي ڪافين ۾ وحدت الوجود جي روحاني عشق، سالڪ جي مالڪ لاءِ جُستجو ۽ بيقراريءَ جو بيان آهي، جيڪو دلين کي ڇُهي وني ٿو:

آءٌ ٻانهي تون سائين، پاتم پاند ڳچيءَ ۾ ڪپڑو!
طرفئون تنهنجي ستگر سائين، ڪانگ اچن من ڪائين،
نانءَ ڏٽيءَ جي مهر پوبئي ڪا، ٿورا مون تي لائين،
روز ازل کان تنهنجو آهيان، غير نہ مون کي پائين،
هڪڙي ساعت اڳوٽ سچوءَ جي، پير مبارڪ پائين.

ڪافيءَ جي گهاڙيٽن جا ڪئين قسم آهن. جن ۾ مختلف ستن جي ستاءُ سان ۽ قافين جي اعتبار سان ڪافي، يڪي، ڏيڍي، ٻيٽي، ٽيٽي ۽ چوٽي ٽئي ٽي. سچل انهن پنجن نمونن ۾ تبديليون آڻي، گوناگونيت آندي. يڪي ڪافيءَ جي وزن ۽ قافئي جي حساب سان ان ۾ ويهہ (20) نمونا جوڙيا آهن. جڏهن تہ ڏيڍيءَ ۾ 15، ٻيٽيءَ ۾ 18، ٽيٽيءَ

۾ 6، چوٽي ۾ پنجوٽيءَ ۾ هڪ هڪ قسم ملي ٿو. هتي مان چوٽي ۾ پنجوٽي ڪافيءَ جا نمونا پيش ڪريان ٿي:

چوٽي ڪافي:

هن قسم جي ڪافيءَ ۾ ٽلهه ۾ بند جي مصرع ۾ چار پد ٿين ٿا. ٽلهه جو پهريون، ٻيون ۽ ٽيون بند هم قافيه آهي. ٽلهه ۾ سمورن بندن جو چوٽون پد هم قافيه آهي.

تنهنجي حسن ماريا، سوريءَ سي سنپاريا، انهن ڳالهين ڳاريا، هزارين هار، اهي يار آيا، نيزن جي نوايا، سيبيئي سِر سِلايا، تنين تو آهار، جنين مؤج آئي، تنين سُڌ سپائي، ڪنهين ڳالهه ڪائي، لنگها شهسوار.

پنجوٽي ڪافي:

سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ پنجوٽي ڪافي هن ريت آهي:

هن جي ٽلهه ۾ ٻه پد ۽ هڪ مصرع آهي ۽ بند ۾ پنج مصراعون ۽ وراٽي ۾ آندل آهي. ٽلهه جو پويون بند وراٽي طور ڪتب آندل آهي. بند جو ٻيون چوٽون، ڇهون ۽ اٺون پد پاڻ ۾ هم قافيه آهن.

بات برهه دي ايهي، ايهي عجب جيهي،
مل معشوقان، مصلحت ڪيتي، عاشق قتل ڪريسون،
قتل ڪنون جو بچي تنهن ڪون، شهر دربدري ڏيسون،
ڪنون ڏونڍو ري پچي تهين ڪون، سولي سِر چڙهيسون.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ سلاست ۽ رواني آهي ۽ ان ۾ رڌم ۽ موسيقيت موجود آهي. لفظن جي مُناسبت سان لئه ۽ ترنم پيدا ٿئي ٿو. هو چوي ٿو:

صورت سڀ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو
ڪاڻئون حنبل شافعي، ڪاڻئين مالڪ نعمان،
ڪاڻئون پلتي پوڻيون، ڪاڻئين پڙهي قرآن،
ڪاڻئين اناالحق چوي، ڪاڻئين ڦيرائي فرمان،
ڪاڻئين طفوليت ۾، ڪاڻئين پير جوان،
ڪاڻئين مير وزير ٿيو ڪاڻئين ٿيو دربان،
ڪاڻئين احمد بلا ميمي، ڪاڻئين هنومان،
'سچو' پيو صبر ۾، هو حيرت ۾ حيران.

هتي طرح طرح جي ماڻهن ۾ انهن جي عقيدتن ۾ رجحانن کي پيش ڪرڻ جو انداز ڪهڙو نه سهڻي نموني ڪيل آهي، جنهن هن کي حيرت ۾ حيران ڪيو آهي.

وراڻ:

سچل کان اڳ ٻين شاعرن به 'وراڻ' جو استعمال ڪيو آهي. شاهه ڪريم بلڙيءَ واري ۾ خود شاهه عبداللطيف جي بيتن ۾ اسانکي وراڻ جو نمونو ملي ٿو. سچل جي ڪلام ۾ ٽن قسمن جي وراڻ ملي ٿي:

(1) اهي بيت جيڪي لاڳيتو ساڳين لفظن يا فقرن سان شروع ٿين، سُر سسئي 'قاف ڪشالا ڪيترا' فقري سان شروع ٿيندڙ ڪيترائي بيت ملن ٿا، جهڙوڪ:

ڪيچئون آيو قافلو رات موچاريءَ روءِ،
مڙيو ئي خوشبوءِ ٿيو شهر پنيور جو.

ڪيچئون آيو قافلو مون ڪر پڇيائون،
ڪرم ڪيائون، هن مون نماڻيءَ تي.

ڪيچئون آيو قافلو خوب ٿيس خوشحال،
چگو ٿيم حال، پسڻ ساڻ پرينءَ جي.

(2) وراڻ جي نئين نموني ۾ بيت جو پويون آڌ، ايندڙ بيت جو پهريون آڌ ٿي ويندو:

پورب سندي پار جا، ڪڪر ڪارونيار،
وِجُن ۾ وَجڻ سان، چڙهن ٿا چوڌار،
اُيي کي آبيندي، لڌئون سنڌڙيءَ سار،
ساوا ٿيا سنگهار، مولي سنديءَ مهر سان.

مؤلي سنديءَ مهر سان، ساوا ٿيا سنگهار،
ڏلهي چڏيو ڏُٽ سان، ڏوٽين ڏيار،
ترايون تجل جون، ٿيون تارون تار،
سَوَ راهين سَنوار، صاحب سڏائي ڪئي.

(3) ٽئين نموني ۾ بيتن جي پوين سٽن جا آخري اڌ هڪجهڙا آهن:

روئڻ کان نه رهن، آيل اهي اکيون،
سپ ڪنهن ويل وهن، اَٽن اٿر اوهيرن جا.

—

لحظو نه لاهين، بار مٽين برسات جا،
اکين کي آهين، اٿر اوهيرن جا.

سچل جي شاعريءَ جي هڪ اهم خوبي اها آهي، جو اها "گيت" آهي يعني سندس ڪلام ڳائي سگهجي ٿو ۽ اهو انڪري

جو سچل پاڻ سنگيت جو شيدائي هو. سندس روح ۾ موسيقي سمايل هئي. هو پاڻ ڳائيندو هو ۽ کيس سُرن جي سجاڻپ هئي. سچل جي ڪلام جو موسيقيءَ سان گهرو سنبنڌ هو ـ گوورڌن پارتي پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو:

"جڏهن سارنگيءَ ۽ طبلي تي هٿ لڳندو هوس، تڏهن هو بيخود ٿي ويندو هو ۽ متي جا وار ڪڙا ٿي ٻيهندا هئس ۽ اکين مان پاڻي جاري هوندو هوس. شعر ۽ اهڙي مستي ۽ اهڙي وجداني ڪيفيت ۾ چوندو هو جيڪي سندس ساڻي ۽ فقير لکندا هئا."

پروفيسر لال سنگهه اجواڻي لکي ٿو:

"سچل سرمست جي وڏي خصوصيت هيءَ آهي ته هن جهڙو ڳائيندڙ ڪوي ايجا پيدا نه ٿيو آهي. سچل جون ڪافيون، گيت ڪاويه (Lyrical poetry) جي انهيءَ اُتاهين آسمان تي پهتل آهن، جتي ڪنهن ٻه رواجي سنڌي ڪويءَ جي پير پائڻ جي مجال نه آهي."

نه رڳو سچل سائينءَ جي فڪري قد جو درجو اوچو هو پر سندس مک مان بيساخته سنڌوءَ جي ڌارا جيان بيت، ڏوهيڙا، ڪافيون، اُٽل ڪائي نڪرنديون هيون. وحدت الوجود ۽ خدا جي هيڪڙائيءَ جا سنديشا عيان ٿيندا هئا، مگر ملڪ جي سياسي معاملن جون پٽ جهلڪون ملنديون هيون. ديش جون حالتون سڌايون نه هيون، هڪ پاسي رياستن جا حڪمران پاڻ ۾ پورا هئا، ڪين عوام جي دک ۽ تڪليف جي ڪا پرواهه نه هئي. قاضي ۽ مُلا پنهنجي علميت جو مظاهرو ڪرڻ ۾ لڳل هئا. پرڏيهي حڪمران ان ڳالهه جو فائدو ونڊي رهيا هئا ۽ هو هنن کي پاڻ ۾ ويڙهائي راج ڪرڻ جي نيتي هلي رهيا هئا. هنن کي وڏو خطرو هو هن (سچل) عوام کي پنهنجي ڪلام ذريعي سجاڳ ڪرڻ ٿي چاهيو. هن اهو سمجهائڻ ٿي چاهيو ته ماڻهو

جدا جدا مذهبن ۾ ورهائجي وڃڻ بدران هو يڪمشت ٿي وڃن ۽ پنهنجو آتم سنمان قائم رکن.

بانهو پاڻ ۽ مَ پاڻ، آهين مالڪ مُلڪ جو.

۽ ٻئي هنڌ چوي ٿو:

وقت اها ٿئي ويل، دُو ئي دور ڪرڻ جي،
ڪيڏ مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل.

هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي اويل، اولهه سج نه اُپري.

هن جنتا کي خبردار ڪرڻ چاهيو ٿي ته پنهنجو پيد پاڻ مٽايو نه ته ڏاريا آچي اوهان جا حق کسي ونندا. هن ڪيڏي دُور انديشيءَ کان ڪم ورتو ۽ پيشنگوئي ڪئي، جيڪا اڄتي هلي سچي ثابت ٿي.

•

ان دور جا همعصر شاعر

ان دؤر جا شاعر، هڪ ٻئي جي شاعريءَ جي قدرداني ڪندا هئا، پر ڪڏهن ڪڏهن ٻئي شاعر جون سٽون کين اهڙيون وڻنديون هيون، جو انهن کي پنهنجي سٽن ۾ جوڙيندا هئا. عجيب اهو ته اصلوڪو شاعر نه صرف انهن سٽن کي قبول ڪندو هو پر ان کي پنهنجو اعجاز سمجهندو هو.

شاعر سچل ۽ فقير عبدالله ڪاتيار ٻئي هڪٻئي کان متاثر ٿيا هئا ۽ هڪ ٻئي جا دوست پڻ هئا. سندن شاعريءَ مان مثال هتي پيش ڪريان ٿي:

فقير عبدالله جي هڪ ڪافي آهي:

صدقي مئن صدقي قربان،
گهور ٿيوان گهنڊ ڪولڙ تئون.

سچل وري اها ڳالهه هن ريت ڪئي آهي:

گهنڊ ڪول ديوار وکاؤ مئن آيا مُک ويکڙ.

سچل وري هڪ هنڌ پنهنجي ڪافيءَ ۾ چيو آهي:

ڪيئن ڙي اَديون آتڙ اَچان،
مون کي پور پرينءَ جو پيو.

انهن سٽن کان متاثر ٿي ڪاتيار چوي ٿو:

سا ڪيئن آتڙ ڪتي ڏي متوالا،
جنهن جو ڏي جيڏيون سوداگر يار.

سچل سائين چوي ٿو:

صورت سڀ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو.
پاڻ سُجاڻن آيو سو پلي آيو ڪم نه هيس ڪو ٻيو.

ته فقير ڪاتيار چوي ٿو:

سڀ ڪنهن صورت جانب منهنجو.
هر ڪنهن صورت جانب منهنجو.
پاڻ صورت پنهنجي پسي پسي ٿو.

سچل جو وڏو عقيدتمند فقير قادر بخش 'بيدل' هو. جو پڻ سچ جو پانڌيئڙو هو. سچل سان ويجهڙائپ جو اظهار هن پنهنجي وائيءَ ۾ ڪيو آهي:

ڪڏهن منجهه حضور ٿي ظاهر سوزڻ سيس ڪٽايان،
ڪڏهن وچ درازين ويهي، دردڻ درد دکايان.

سچل ۽ بيدل هڪ ٻئي جي شاعريءَ کان متاثر ٿي هڪ ٻئي جون ستون ڪنيون آهن.

سچل چيو:

آهيان مان اِسرار، جيڏيون مون کي ڪير ٿيون پانيو.

بيدل چوي ٿو:

آءٌ آهيان اِسرار، عالم ليکي آدمي،
سُر سبحاني آهيان، صورت کيل ڪلايان.

سچل سائينءَ جو ٻيو خيال:

نوري ناري ناهيان، آهيان رَبُ جبارُ.

بيدل فقير جي وائي:

پانهپ ٻولي ناهه ڪا، نور آهيان نروار.

اهڙيءَ طرح ان زماني جا شاعر صفت تضمين جو استعمال ڪندا هئا. ڪنهن به شاعر جي شعر يا مصرع يا اُن جي ٽڪري کي پنهنجي ڪلام ۾ شامل ڪرڻ کي تضمين چئبو آهي. سچل سرمست جي ڪلام ۾ سلطان باهوءَ جي تضمين واريون ستون ملن ٿيون.

سلطان باهو:

ايمان سلامت هر ڪوئي منگي، عشق سلامت ڪوئي هو،
منگن ايمان، شرماون عشقون، دل تون غيرت هوئي.

سچل:

ايمان سلامت هر ڪوئي منگي، اسان عشق سلامت منگي،
منگن ايمان شرماوَن عشقون، دل حيرت وچ ونگي.

سچل چوي ٿو ته جيڪو ڪجهه نظر اچي ٿو ان منهنجي ذات سان وجود ورتو آهي.

پاڻ وڃائي پاڻ ڳولي لهج پاڻ،
پاڻ مُنجهائي پاڻ کي، پوندءِ جاڻ سجاڻ،
مڪڙ اکر هيڪڙو سوئي کير سَباڻ،
اهو اٽئي اهجاڻ، ڳهلا ان پاڻ جو.

ٻيدل اهو ساڳيو خيال هن ريت پيش ڪيو آهي:

پاڻ نہ ڪڇ پاڻ سان، پاڻ سُجاڻج پاڻ،
آ سائين هت ساڻ، تون ڳولين ٻي طرف.

سچل چوي ٿو:

هيڏي هوڏي نہ نهار تنهنجي ويڑهي سو تان يار وسي ٿو
ڦولهي لهج پاڻ مون، چو ٿو وڃين وڻڪار.

بيدل فقير چوي ٿو:

پنهون ناهہ پري، ويجهو وسي سپرين،
'ونحن اقراب اليہ من حبل الوريد' غافل ٿو ڳري،
جيڪو ڏيان ڏري تہ ڪوهيارو قريب آهہ.

هنن سيني جي ڪلامن مان اهو ظاهر ٿي ٻيئو آهي تہ ان پڳتيءَ جي دؤر ۾ 'اَدويت' يا 'هم اوست' جو بول بالا هو. هنن کان اڳ سنت ڪبير پنهنجي هندي (ڪڙي) ٻوليءَ ۾ اهي سڀ ڳالهيون پنهنجن دوهن ۾ ساکين ۾ چئي چڪو هو. جنهن جو اثر سندّ جي صوفي شاعرن تي ٻہ هو.

ڪبير چيو هو:

موکو ڪهان ڈوندي ري بندي،
مئن تو تيري پاس هُون.

نا تيرث ۾، نا صورت ۾
نا اَدجانت نواس ۾

نا مئن جپ مين نا مين تپ مين،
نا مئن ورت اُپاس ۾

کوجي کوجئہ ترت مل جائي،
ايڪ پل ڪي تلاس ۾.

جتي سچل سرمست پنهنجي سرمستيءَ جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ خدا جي حاضريءَ ۾ بيخود ۽ بيهوش ٿيڻ جي باري ۾ چوي ٿو اُتي ڪبير به ان حالت جو بيان پنهنجي ڪويتا ۾ ڪري ٿو:

رس گگن غفا ۾ اجر جمرءِ،
بن باجا جهنڪار اُٺي.

جڏهن سُرت چڙهي ٿي، گگن غفا جو دروازو کلي ٿو ته چوڌر پرڪاش ڦهلجي ويي ٿو باجا وڄڻ لڳن ٿا ۽ آڪار[1] نراڪار[2] ٻڌجي پوي ٿو ۽ اهوئي وحدت الوجود يعني همه اوست جو پيغام آهي، جنهن ڏانهن سچل سائينءَ وري وري اِشارو ڪيو آهي:

سوئي ڪم ڪريجي جنهن وچ الله ٻڌيجي،
مار نغارا انالحق دا، سولي سر چڙهيجي.
اندر باهر هڪو هادي مُوتوا قبل مريجي،
سبحاني مان اعظم شاني سچل سر سڌيجي.

سچل پنهنجين ڪافين ۾ عجب انوکا گهاڙيٽا گهڙيا آهن، جنهن ڪري انهن ۾ سنگيت پيدا ٿيو آهي ۽ اهي ڳائڻ جهڙا ٻڌيا آهن. اهو به ممڪن آهي ته سچل انهن کي سوچي سمجهي ڳڻي ڳوتي نه لکيو هجي، پر انهن کي ڳائيندي، رقص جي بيخوديءَ جي عالم ۾ ڳايو آهي يا چيو آهي ۽ اهي ماترائون قافيا ازخود انهن ۾ اچي ويا آهن ۽ اهو سنگيت سندس آتما[3] جو سنگيت ٻڌجي پيو آهي.

•

[1] آڪار: شڪل، صورت
[2] نراڪار: بنا شڪل، بي صورت
[3] آتما: روح

پنهنجو پاڻ سڃاڻ

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ وانگر لوڪ ڪهاڻين کي سچل بہ پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو. پر انهن ۾ پڌري پٽ روحانيت بدران ٿي، جڏهن تہ شاهہ اُنهن ڪهاڻين ۾ اڻ سڌي ۽ نهايت نزاڪت سان روحانيت طرف اشارو ڪيو آهي. سچل بيباڪيءَ سان 'اَدويت واد' جو سنديشو ڏنو آهي.

هو سراپا 'اناالحق' بڻجي پيو هو. سندس روم روم ۾ وحدت الوجود سمايل هئي. هن جي دل، دماغ ۽ زبان تي هردم منصور جيان اناالحق ڇانيل هو. هو حسين بن منصور حلاج (922_852)، ايراني باغي شاعر جو شيدائي بڻجي پيو. سچل جي ڪلام ۾ منصور جو ذڪر گهڻي ۾ گهڻو اچي ٿو. ان ڪلام ۾ بغاوت ڪوٽ ڪوٽ پريل آهي، جيڪا غالباً هن پنهنجي مرشد منصور وٽان پاتي هئي. حالانڪہ بنهي جي دؤرن جي وچ ۾ ستن ـ اٽن صدين جو فرق هو.

حسين بن منصور حلاج ايران جو باشندو هو. سندس غير تعصبي ۽ غير روايتي ويچارن سبب مذهبي حلقا، مولوي ۽ مُلا هن کان ناراض رهڻ لڳا هئا. هن خوب سفر ڪيا. ٽي ڀيرا هجرت بہ ڪئي. هن سورهن سالن جي ڄمار ۾ قرآن شريف حفظ ڪيو۽ پوءِ صوفي بڻجي پيو. چاليهن سالن جي ڄمار ۾ هن صوفياڻو لباس ترڪ ڪيو ۽ هڪ عام فرد جيان جيئڻ لڳو. هو ماڻهن تائين اهو پيغام پهچائيندو

رهيو. "پاڻ کي اهڙو قابل بڻايو جو پنهنجي اندر خدا کي ڳولي لهو." ڪيترا حلقا، سندس ويچارن سبب سندس مخالف ۽ دشمن بڻجي پيا. هو وري سفر تي نڪتو ۽ ڪشمير تائين پهتو ۽ پوءِ ترڪستان ويو ۽ ٻين مذهبن جي ڪتابن، هندو مت ۽ ٻڌ مت جو مطالعو ڪيائين. ڪن عالمن جور ايو آهي ته هو سنڌ تائين به آيو هو. هن جي مخالفن جو تعداد وڌندو ويو ۽ حڪومت هن کي ۽ سندس مريدن کي گرفتار ڪيو. هو ساندهه نوَ سال جيل جون تڪليفون ٻوڳيندو رهيو. سالن جي ڪشمڪش بعد هن کي 922ع ۾ قاسيءَ تي چاڙهيو ويو. آخري دم تائين هو 'اناالحق' جو نعرو بلند ڪندو رهيو. پنهنجي حياتيءَ جي آخري دؤر ۾ هن ڪيتريون تصنيفون لکيون، جيڪي فارسيءَ ۽ عربيءَ ۾ آهن.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ حسين بن منصور حلاج جي تعليم ۽ نظريي جو گهڻو ذڪر اچي ٿو. سچل جو سمورو ڪلام جڏ ته منصوري نعري 'اناالحق' جو پڙاڏو آهي. هن 'ديوان آشڪار' ۾ پنهنجي عقيدت ظاهر ڪندي چيو آهي:

در دو جهان کن نظر باشد هستيءِ مِا،
در دل و جان حلاج اُلفتِ مستيءِ مِا.

(بنهي جهانن ۾ اسان جو ئي وجود توکي نظر ايندو منصور جي دل ۾ اسان جي عشق جي هستي نظر ايندي)

۽ سنڌيءَ ۾ چوي ٿو:

مستيءَ مون منصور جو ٿئين جي جماعتي،
مهند منصوريءَ جي تون، منجهه معرڪي مردان ٿئين،
نعرو اناالحق جو هڻي، ٿي مرد سر ميدان ٿئين.

منصور وڏي واڪي ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته "منهنجي اکين ۾ دل دماغ تان پردا هٽي ويا آهن، ان ڪري مان ان ۾ گم ٿي ويو آهيان. مان، مان نه رهيو آهيان، بلڪ مان 'هو' بڻجي پيو آهيان."

ان طرح منصور جو ذڪر هر هر ڪري، سچل منصور جي سياڻپ جو ثاني بڻجي پيو آهي. هن جي سموري فڪر تي منصوري رنگ چڙهيل رهيو. ان ڪري ئي ته هو ديوان آشڪار ۾ چوي ٿو:

هر کجايم، جا بجايم، من خدايم من خدا،
تابه شد پوشيده ام از درد اين خاڪي خدا.

(مان هر هنڌ حاضر ناظر آهيان، مان خدا آهيان، مان خدا آهيان. ڇا ٿيو جو مان درد جو خاڪي جامو پائي ويٺو آهيان.)

هڪ ٻيو تضادي نقطو سچل پنهنجي فارسي شاعريءَ ۾ ڏنو آهي، جيڪو اهوئي ظاهر ۽ باطن ۾ آهي. 'مان نه آهيان'، 'مان نه آهيان' ڪري ٿو ۽ چئي به پاڻيهي ٿو ته 'مان نه آهيان!'

اهو خيال سچل، هن ان طرح ادا ڪيو آهي:

چئون ميان عشقا ڪيئن، تون سوين سيل بڻائين ٿو
يا تون آهين ذات ديوانو جو ڪيڏا ناهه ناهين ٿو
ڪاڻئين ڏيئي شرعي فتويٰ، ڪاڻئين منصور مارائين ٿو
ڪاڻئين مُفتي تون 'خدائي'، ڪاڻئين اناالحق فرمائين ٿو

چي: 'هُو' ۽ مان هڪ آهيون ته پوءِ تضادي ڳالهيون ڇو ٿيون ٿين. 'مان نه آهيان'، 'مان نه آهيان' چئون ٿا، پر ان ۾ ته 'مان' موجود آهي.

شريعتي فتويٰ ڏيئي تون منصور مارائين ٿو. پاڻ کي خدا جو درجو ڏيئي، اسان کان اناالحق چوارائين ٿو.

اهو هڪ طنزيہ خيال آهي، جيڪو هو خدا کي مخاطب ٿي چوي ٿو. ان طنز ۾ ڪيڏو پيار ڪيڏي پنهنجائي لِڪل آهي.

اهو سڀ چوندي بہ هو لکندو وڃي ٿو مسلسل چوندو ٿو وڃي، ڪڏهن سوال پڇي ٿو تہ ڪڏهن پنهنجي حالت ٻڌائي ٿو پر هو ان ڳالهہ تي قائم آهي تہ 'خدا هڪ آهي' ۽ هو ڪائنات جي ذري ذري ۾ سمايل آهي.

ائين لکيو مون ائين لکيو مون، پنهنجو پاڻ ائين لکيو مون،
درود وظائف ڪيئم مراقبا، پرو پرينءَ جو ڪونہ ٿيو مون،

پڙهيم نمازون، رکيم روزا، ذرو بہ حاصل ڪونہ ٿيو مون،
سوين ڪلام باري ۾ پڙهيا، اثر ڪلامن ڪونہ ٿيو مون،
اول ڄاتم، پوءِ سُجاتم، آهي ٿوري ڪونہ ٿيو مون،
سڄل سارو سِر صفاتي، ڪيئن چوان آهي ڪير ٿيو مون.

ها، منصوري ويچار ۽ اصول هن جي تن، من، ذهن تي ڄانيل هئا ۽ هن ان رنگ ۾ رڱجي شاعري ڪئي. بغاوت جو آواز اُٽاريو ۽ ڪيترن کي ناراض ڪيو. هن سچ جو اعلان ڪيو ۽ سچو سڏايو. پنهنجي 'ديوان آشڪار' ۾، فارسيءَ ۾ هو گهڻو ڪجهہ چوي ٿو جنهن جو آرٽ (مفهوم) هن طرح آهي:

ڪير ڳالهائي پيو ڪير جستجو ڪري پيو ڪير حاصل ڪري رهيو آهي ۽ قطرو ڪٽي آهي ـ هتي تہ درياهہ ئي درياهہ آهي.

مان ڳالهايان ٿو ڳالهائيندس تہ تنهنجي طرفان ڳالهائيندس،
مان ڳوليان، ڪنهن کي ڳوليان، مان تہ پاڻ کي ڳوليان پيو.

سچل سرمست جي خاصيت اها هئي ته هو مدهوشيءَ ۾ هوش جون ڳالهيون ڪندو هو ۽ هوش ۾ مدهوشيءَ جون ڳالهيون.[1] ان مان اهو مطلب ڪڍي سگهجي ٿو ته هو گهڻو وقت مدهوش رهندو هو. هن پنهنجي پروردگار سان عشق ڪيو ۽ هن کي الائي ڪهڙن ڪهڙن نالن سان مخاطب ڪيو. 'دلبر، دوست، سجڻ، پرين، محبوب'، پر ساڳئي وقت هن سان شڪايتون ڪيائين ۽ ڪيس پيار پريا ڏوراپا ڏنائين. هُن پنهنجيءَ هڪ ڪافيءَ ۾ صوفي سالڪن جا نالا ڳنهي ٻڌايو آهي ته، ساڻن ڪهڙيون تعديون ڪيون ويون هيون ۽ هو شڪايت ڪري ٿو:

جيءُ آئين، پلي آئين تون،
ڪنهن منزل مون پهچائين تون،
ٿو موتي سِر وڌائين تون.

سرمد کي ڏيئي لَٽ ڪُهايئي، سوريءَ تي منصور چڑهايئي،
شيخ عطار جو سِر وڌايئي، هاڻي هيڏي پنڌ پُڄائين تون.

زڪريا ساڻ ڪرڻ چيرايئي، يوسف کي منجهه کوهه وجهايئي،
شمس مُلن جي هٿئون مارايئي، عاشق ٿو آزمائين تون.

جڏيو ڪفر صنعان وجهايئي، بلي شاهه کي ذبح ڪرايئي،
جعفر کي درياهه نوڙايئي، تن کي پار لنگهائين تون.

گهاڻي ۾ بلاول پيڙايئي، عنايت ميدان مارايئي،
ڪر مل کي هن حڪم هلايئي، ڦيروءَ ڪنڌ ڪپائين ٿو.

[1] عثمان علي انصاري: رسالو سچل سرمست.

قاسم دُرن سان سَتايئي، موسيٰ کي بي سهاڳ ونايئي،
اکيداس تعزير ڏِوايئي، سو اڄ ساڳيو آهين تون.

'سچو' سندءِ پنڌ پُڇائي، گهوريو پنهنجو سِرُ گهمائي،
نينهن واري ڳالهه ڳالهائي، عاشق ٿي فرمائين تون.

مگر ڪڏهن وري ائين به چوي ٿو ته، آهين ته تون هڪڙو پر سنسار ۾ سوين روپ ڌاري اچين ٿو هڪ اهڙي ڪافي پيش آهي:

چئو ميان عشقا ڪيئن، تون سوين سيل بنائين ٿو
يا تون آهين ذات ديوانو جو ڪيڏا ناهه ناهين ٿو.

ڪاٽئين مُلا قاضي تون، ڪاٽئين سيد سڏائين ٿو
ڪاٽئين شيخ برهمڻ تون، ڪاٽئين ٻانگ ٻڌائين ٿو.

ڪاٽئين منهن ۾ محراب، ڪاٽئين تِلڪ لائين ٿو
ڪاٽئين تسبيحان تون سورين، ڪاٽئين جٽيا پائين ٿو.

ڪاٽئين پيرين آهين پيادو ڪاٽئين بورَ بچائين ٿو
ڪاٽئين منبر واعظي، ڪاٽئين پوٽيون پٽائين ٿو.

ڪاٽئين زربفت قبائون، ڪاٽئين ليڑا لڙڪائين ٿو
ڪاٽئين ڏيئي شرعي فتويٰ، ڪاٽئين منصور مارائين ٿو.

ڪاڻئين هنومان ڪونائين، ڪاڻئين ڏهيسر سڏائين ٿو.
ڪاڻئين ٽئين رام يا سيتا، ڪاڻئين لڇمڻ لکائين ٿو.

ڪاڻئين نمرود ابراهيم ٿي، ڪيئي بيڪ بنائين ٿو.
ڪاڻئين ٿي فرعون يا موسيٰ، سڀ صورت ۾ سمائين ٿو.

ڪاڻئين ٿي بادشاهه ملڪ جو سارو ديس دنائين ٿو.
ڪاڻئين ٽئين غرض گداگر، ڪاڻئين ٽوليون ٽڪائين ٿو.

ڪاڻئين مفتي تون 'خدائي'، ڪاڻئين 'اناالحق' فرمائين ٿو.

انهن سيني ڪلامن مان ثابت ٿئي ٿو ته خدا لامڪان ۽ بي نشان هوندي به هر سميه (وقت) هو موجود هو ۽ موجود آهي.

ڪڏهن ڪڏهن هو اهڙيون سٽون به چوي ٿو جيڪي منجهائيندڙ آهن ۽ اسان کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪن ٿيون:

پاڻ پوجاري پنهنجو، پنهنجو پوجاري پاڻ،
جاڻ انهيءَ کي جاڻ، جاڻ ته جاڻي جاڻ کي.

جڏهن هو پاڻ کي سُجاڻي ٿو ته هو پوجاري آهي ۽ اهو به آهي، جنهن کي پوجيو وڃي ٿو. ان کي جاڻڻ ضروري آهي، نه ته اسين اڻجاڻ ٻڌجي ٿا پئون.

سچل جي ٻوليءَ مان شڪارپوري ٻوليءَ جي مهڪ اچي ٿي. جڏهن 'ڪاڻئون' يا 'ڪاڻي' لفظ استعمال ڪري ٿو ته ان مان موسيقي پيدا ٿئي ٿي. هن جي 'ڪاڻئين' لفظ مان ترنم پيدا ٿو ٿئي.

شڪارپوري لهجي مطابق هن ڪٿي ڪٿي جملي جي پڇاڙيءَ ۾ 'ني' جو به استعمال ڪيو آهي. ان لفظ کي رديف طور پنهنجي سي حرفيءَ ۾ ڪتب آندو آهي:

ڪل سيالیان صورت واليان، رِل مِل نديءَ تي اُتي آونديان ني.
ساوي سهٽي ڪپڙي ڪرن اُتون، بازي برهه دي اڙ ٽياوندي ني.
اکين لاڏ پريان مفرور ڦرن، ويکڙ نالا 'سچو' چوٽڪ لاونديان ني.
'سچو' سبز پکي وو تالهيان دي، چناهه دي وو ڪنارڙي ڳانونديان ني.

صحيح معنيٰ ۾ سچل سرمست منصور جو پيروڪار هو. هو حسين بن منصور جي نقشِ قدم تي هلڻ لاءِ تيار هو. هن به بغاوتي شاعري ڪئي ۽ ڪُلي عام باهمي مذهبي روايتن جو وروڌ[1] ڪيو.

وسريو روزو ناهي ياد نماز مون کي،
ڪيئڙو مست پرينءَ جي ڪنهن ناز مون کي.

شوق شراب پيان، پِر وٽ راتيان ڏينهان،
ڪونهي وري قاضي ملا جو ڪو لحاظ مون کي.
ڪيئڙو مست پرينءَ جي ڪنهن ناز مون کي!

نيٽن ننڍڙي حرام آهي اسان وٽ روز ازل،
سرندو سوز سڃڻ جو آهي ساز مون کي،
ڪيئڙو مست پرينءَ....

وائي وات ڪهاڙي، متيءَ کي جيڪا پرين،
اچي وري هُو هُو پريمي، جو ٿو آواز مون کي،
ڪيئڙو مست پرينءَ....

وروڌ: مخالفت

سچل مقصد سارو تونهين وٽ تونهين الله،
ڏس وري راز پنهنجي جو ڪو نياز مون کي،
ڪيئڙو مست پرين، جي ڪنهن ناز مون کي.

يا هِن تي غور فرمايو:

پنهنجي ذات لکائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان،
منصوريءَ جي موج ۾ ٿو اناالحق الايان،
اعليٰ اعظم شان جي، نوبت نينهن وڄان.

مگر اهو به سچ آهي ته سائين سچل پنهنجي شاعريءَ جو فن ۽ صوفياڻا خيالات پنهنجي ابن ڏاڏن وٽان وراثت ۾ حاصل ڪيا هئا. جيئن اڳ ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته سچل سائينءَ جو ڏاڏو خواجا محمد حافظ عرف صاحبڏنو پڻ بلند پايه شاعر هو جنهن جو هتي هڪ بيت پيش ڪيو وڃي ٿو:

ملا جي محبت جي، وَٽي، هڪ پئين،
ڇڏي مڪب معرڪو سوريءَ سر ڏئين،
ڪيئن ٿو تون جئين، ريءَ سڪ صاحبڏنو چويا

ريءَ سڪ صاحبڏنو چوي، آخوند ڪوٺائين،
ڇڏي مڪت معرڪو ٿو عشق نہ اُٺائين،
نينهن نٿو لائين، ڪامل پنهنجي ڪانڌ سان.

ڪامل پنهنجي ڪانڌ، اوهان خبر آهي خاصي،
آڏو ٿيو نہ عشق ري، اها بات نہ اوهان پاسي،
آهيو اوهين بہ اُداسي، پر ڪاري مَسُ ڪارا ڪيو.

هتي اسين ڏسنداسين تہ متئين ڪلام جي گھڙت بيت هوندي بہ مختلف آهي. اصل ۾ هيءُ دوهي، بيت ۽ رولي جون خاصيتون رکي ٿو ۽ اهو آهي پهرئين بند جي آخري سِٽ جو دهراءُ، بئي بند جي شروعات ۾. ان بيت جي گھاڙيتي مون کي هندي پنگل شاستر (چند شاستر) جي ياد ڏياري ڇڏي، جنهن کي ماترڪ وِشم چند جي نالي سان سڏيو ويجي ٿو. ان چند جي خصوصيت اها آهي تہ پهرين ٻن سٽن جو دوهو آهي ۽ ان کانپوءِ رولو اچي ٿو. ان جا ڇھ چرڻ آهن. دوهي جي پوئين پد جو دهراءُ رولي جي پهرئين پد ۾ اچي ٿو ۽ ڇھين چرڻ جو آخري شبد سموري چند جو پهريون شبد(لفظ) آهي.

دولت پايہ بہ نہ ڪيجئي، سپني ۾ اَيمان،
چنچل جل دن چار ناهو نہ رهت ندان،
ناهو نہ رهت ندان، جيئت جگ ۾ جس ليجئي،
مينڱي وچن سنايہ، وِنيہ سيي ڪي ڪيجئي،
ڪھ گردَر ڪوي راج، اڙي يہ سب گھٽ تؤلت
پا هُن نس دن چار رهت سيي ڪي دولت.

حقيقت ۾ سنڌ ۾ 'ڳاهن' جي صورت ۾ بيتن جا پهريان نشان سومرن جي دؤر ۾ ملن ٿا. بيت بنيادي طور ٻن مصرعن جا ٿين ٿا، جن جي ٻن مصرعن جي پچاڙي هم قافيا ٿئي ٿي. مگر ان بنيادي خاڪي ۾ ردوبدل بہ ٿئي ٿي. پهرينءَ سٽ ۾ واڌارو ۽ ٻين سٽن ۾ قافين جي مٽاسٽا، جنهن ڪري بيت ۾ هڪ کان وڌيڪ صورتون پيدا ٿين ٿيون. سڄل کان اڳ بہ اسان کي اهي نمونا ملن ٿا ۽ سڄل جي ڪلام ۾ بہ اهڙا نمونا اسين ڏسون ٿا.

سڄل جي چاچي خواجہ عبدالحق پڻ سندس روحاني ۽ فڪري تربيت ڪئي هئي، جنهن جنهن جي باري ۾ هو فرمائي ٿو:

هڪ ڏهاڙي مُرشد مينون، آپ ايوين فرمايا،
اهو طريقہ وحدت والا، سانون ڀهون خوش آيا،
سچل ڳالهہ عشق دي سچي، ٻيا سڀ پنڌ اجايا.

سچل وري وري پنهنجي مرشد، پنهنجي رهبرن، پنهنجي استادن جا پنهنجي ڪلام ۾ شڪرانا مڃيا آهن.

لافانيءَ جو ڪلمو مرشد پاڻ پڙهايو
نابوديءَ جي نشي اندر ستگر سڏ ڪرايو
هٿيو ڏيئي همٿ وارو سارو بار ڪڍايو
صدقي سچل مان ستگر تان، جنهن جانب جوش جڳايو.
(هيءَ دوهو سورٺو آهي)

سيني ۾ ڪنيم، سچل ڪي سدا،
بُت جو بُت خدا، پوڄاريءَ جي پرڪٽي،
پرينءَ سندي پُوءِ مان، چُمان پٽر ڪي،
تنهن ۾ پي آن تون، نظر ناهي ڪو ٻيو.

مذڪوره پهرئين ڪلام ۾ هو پنهنجي مُرشد جي واکاڻ ڪري ٿو. ڪيئن هن جي ستگر رهنمائي ڪئي، بيخوديءَ جو نشو چڙهائي روحاني سئر ڪرايا، ڪيس سهارو ڏيئي، سندس بار هلڪو ڪيو ۽ دل ۾ جوش جاڳايو.

ٻئي ۾ هن پٽر کي چُميو تہ ان ۾ بہ هن کي خدا نظر آيو.

سچل جي سموري شاعري ان نقطي جي چوڌاري ڦري ٿي تہ 'مان حق آهيان، مان ئي مالڪ آهيان.' جهڙي طرح مان خدا آهيان، اهڙي نموني تون بہ يعني هر هڪ انسان حق آهي، يعني مالڪ آهي. نہ رڳو ايترو پر ڪائنات جي ذري ذري ۾ خدا موجود آهي.

هڪ صوفيءَ جي حيثيت ۾ سچل سرمست هڪ خدا کي مڃيو. لهاذا هن وري وري چيو هر شيءِ، هر ماڻهوءَ ۾ خدا (ايشور) وسي ٿو. هن

لاءِ مذهب کا معنيٰ نڪي رکي ۽ هن وري وري چيو "مذهبن ملڪ ۾ ماٺهو منجهايا". هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته، "پنهنجي اندر جهاتي پايو ۽ ان مالڪ کي، پالڻهار کي اُتي پسو. پنهنجو پاڻ وڃائي 'حق' کي حاصل ڪريو." صوفيءَ جي زندگيءَ جو اصل مقصد اهو ئي آهي.

جڏهن سالڪ فنا جي در تي پهچي ٿو ته حق پنهنجو جلوو ڏيکاري ٿو:

'سچو' تجهه کون دلبر اَپنا خود ديدار دکاويگا،
جب تب، اول آخر ساجن پاؤن تيري در آويگا.

تڏهن ته هن چيو:

جيڪو آهيان سوئي آهيان،
هندو مومن ناهيان.

ايشور خدا، مالڪ سَروَوياپي آهي، هر هنڌ حاضران حضور آهي، رڳو اسان جي سُجاڻڻ جي دير آهي.

صحيح سجاڻج ساري، خود آهين خدائي،
ڪوڙين قطرا ڪارونيار وياسين سموندَ سمائي،
'سچو' سچڙي ڳالهڙي، پاڻ پرين پرچائي.

وري چوي ٿو:

رام رحيم هڪ هڪ سمجهين موج، محبت ماٽين،
ڪافر، مومن، گبر، نصارو، غير گمان نه آٽين.

جيڪڏهن ادويت واد کي مجون ٿا، خدا جي هيڪڙائي مجون ٿا ته چا جو مذهب، چا جو ڌرم، چا جو خدا، چا جو پيڳوان!

•

حيرت جو اظهار

آهيان آهيان تہ پي چئو ناهيان،
ناهيان کين آهيان آءٌ.

آهيان ناهيان جي خبر نہ پوندي،
آهيان ۾ آهي خوف گهٽيرو سينو تہ نانهن جي ساهيان،
الله آهي اثبات اصل کئون "لا" کي کاڏي لاهيان،
'سچو' سچ اهو ئي آهي، ٻاهر نہ ٻيو کو ٻاهيان.

هو تہ هر جڳهہ پرينءَ جو جمال پيو پسي، چو جو سچو سالک اُتي پهتو آهي، جتي تون ۽ مان وارو ويچو وساري فقط 'تون ۽ تون' ٿو ڀانئي. اهڙيءَ حالت ۾ کڏهن خوش آهي تہ کڏهن حيرت ۾ آهي ۽ هو چوي ٿو:

اَٿئي انهيءَ ۾ حالت، نہ تصديق نہ راحت،
نہ کو هيءَ نکو هو نہ کا صِفت نہ صنعت،
نہ کو ذکر نکو فکر، نکو کشف کرامت،
نہ کو ذسڻ، نہ کو پسڻ، نکو عيش نہ عشرت،
نہ کو جيءُ نہ کو روح، نہ کا جان جميعت،
نہ کو سُک نہ کو دک، نکو هوش نہ حسرت،
سچل سچ آهہ نہ ڪچ، آهہ رڳو ئي راحت.

سچل سينهي لاڳاپن کي ڇڏي، اهڙي جڳهه تي پهتو آهي، جتي هو پاڻ کي ڳولي رهيو آهي. هو حيرت جي وادئ ۾ گُم ٿي ويو آهي. هن تي ڪابه پابندي لاڳو ناهي.

اسين آهيون! ڇا اسين آهيون
ٻيلي نٽا ڇاڻون، اسين ڇا آهيون.

—

ذري باران برساتيون لايون، ذري برن ٽيون وڏيون باهيون،
ذري چئون تا 'آهيون اسين ئي'، ذري چئون تا 'اصل ناهيون'،
ذري آرام آهي هن دل کي، ذري وهايون نيٽئون واهيون،
ذري چئون تا اسان سڃاتو، ذري چئون تا اسين ڇاهيون،
سچل اصلئون سوئي آهين، ناهه هتي ٻيو ڪيهو ناهيون!

هن ماڻهن جي راءِ جي پرواهه نه ڪندي چيو:

ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي،
مان جوئي آهيان سوئي آهيان.
ڪو رنگ ڪو ٻيرنگ چوي،
ڪو مستو مست ملنگ چوي،
ڪو سنگي ۾ ٻيسنگ چوي،
مان جوئي آهيان سوئي آهيان.

•

غير تعصبپڻو - نانڪ يوسف فقير

سچل جي انهن خيالن جي ڪري مذهبي ماڻهو مُلا ۽ مولوي هن مان ناراض هئا. ملڪ ورهايل هو. ڪلهوڙن جي راج ۾ تعصب جو ماحول هو. هڪ پاسي مقامي حڪمران هڪ ٻئي کي کيرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، ٻئي پاسي انگريزن طرفان ڇڪتاڻ هئي. هندن جي ٿورائي رهجي وئي هئي ۽ مسلمانن جو تعداد وڌي رهيو هو. سچل پنهنجي تمثيلي بيتن دوران پنهنجو رد عمل پيش ڪري رهيو هو ۽ روحانيت جو سنديشو ڏيئي رهيو هو:

جپ صاحب جو جَپ، تا گرنتي! گُر مليئي،
راحت توڙي چپ، سچل ساڳيو ستگرو.

۽ ٻئي هنڌ چوي ٿو:

گُر ۽ گوبند صورت ساڳي، راهه انهيءَ ۾ رهندين،
رنگ رينڱي بيرنگ ٿي، سچا! ناهه انهيءَ ۾ ٿهندين.

سچل سرمست جي مريد نانڪ يوسف سان ڪي روايتون لاڳو آهن. جيئن مان اڳ ۾ چئي چڪي آهيان. هر عالم ۽ عظيم شخصيت جي نالي سان ڪي ڏند ڪٿائون ۽ آکاڻيون جڙيل رهنديون آهن. انهن ۾ ڪيتري سچائي هوندي آهي، ڪهڙيون حقيقت کي ويجهو هونديون آهن ۽ ڪهڙيون متضاد، ان جي باري ۾ چوڻ مشڪل ٿيندو.

سائين سچل جي حياتيءَ سان توڙي هن سان لاڳاپو رکندڙ شخص سان بہ ڪي روايتون ڳنڍيل آهن، جن جو بيان ڪرڻ مان ضروري سمجهان ٿي.

نانڪ يوسف وڏو عالم هو ۽ هُو شروع ۾ هڪ مدرسو بہ هلائيندو هو. ڪيس ان وقت جي حاڪم وٽان ماهوار پگهار بہ ملندو هو. هو فتوائون بہ جاري ڪري سگهندو هو. هن جي پرورش شرعي ماحول ۾ ٿي هئي، ان جي باوجود جو جڙ تہ ڪنهن جي تلاش ۾ رهندو هو. هن لنبا لنبا سفر ڪيا ۽ جهنگ جهر جهاڳيا. يوسف جي سچل سان ملاقات جي باري ۾ ڪئين روايتون چيون ويون ٿيون.

روايت_1:

يوسف جي سنڌ جي سفر ۾ چون ٿا تہ رستي تي سخت طوفان لڳو. ڪي ان کي عشق جو طوفان سڏين ٿا. هو طوفان ۾ پٽڪندو صبح سويل اچي درازا پهتو. جتي سچل سائينءَ جو سماع لڳل هو. سچل راڳ جي رنگ ۾ رڱيل هو. يوسف تي هن جي شخصيت جو جادو ٿيڻ لڳو. هو در تي اچي بيٺو. سچل سائينءَ هن کي ڏسي ورتو.

روايت_2:

ڊاڪٽر تنوير عباسي، يوسف فقير جي سچل سان پهرينءَ ملاقات جي باري ۾ لکي ٿو:

"سچل سائينءَ کيس اُن سماع ۾ ڏسي ورتو ۽ فقيرن کي حڪم ڏنو تہ کيس باهر ڪڍيو وڃي. پر يوسف فقير اُتان وڃڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. هن انڪار ڪيو. فقيرن هن کي ٽنگاتولي ڪري هڪ وڻ جي هيٺان ويهاري ڇڏيو. جتي هو بيحال پيو رهيو. چون ٿا تہ نانڪ يوسف ڪيترا ڏينهن بيحال حالت ۾ هڪ وڻ هيٺان پيو هو. نيٺ مرشد جي نظر هن تي پيئي ۽ هن کي اندر داخل ٿيڻ جي اجازت ڏنائين.

روايت_3:

هڪ روايت موجب يوسف فقير جو سچل سرمست سان مُڪاميلو لاڙڪاڻي ۾ ٿيو جتي هو اڪثر ويندو هو.

روايت_4:

هڪ پيري سچل سائينءَ مخدوم صاحب کان ۾ شاگرد گهريا تہ جيئن هو ٻاهرين علم کان وڌيڪ باطني علم حاصل ڪن. ۾ شاگر ـ يعقوب ۾ يوسف رات جو هن وٽ پهچي ويا. سچل، يوسف کي پنهنجو فيض ڏيندي کيس 'نانڪ' جو لقب عطا ڪيو. هو اهڙي لقب ملڻ تي وجد ۾ اچي ويو ۾ هن اهڙو تہ ٽِپ ڏنو جو سندس مٿو مسجد جي ڇت سان ٽڪرائجي ويو ۾ پير ڏرتيءَ تي اچي لڳا. فقيرن، سچل جي حڪم تي کيس هٿ کان ونڊي سمهاري ڇڏيو. هو ان حالت ۾ ڪيترا ڏينهن بيحال پيو رهيو ۾ هن سچل سائينءَ جو فيض حاصل ڪيو.

روايت_5:

هڪ رات سچل بلند آواز ۾ يعقوب فقير کي سڏ ڪيو مگر هو اُتي موجود ڪونہ هو پر يوسف فقير موجود هو. هن اصطلاحي معنيٰ ۾ جواب ڏنو "يعقوب موجود ناهي، هن جو پٽ يوسف موجود آهي. (حضرت يعقوب عليہ السلام جو پٽ حضرت يوسف عليہ السلام) جواب ٻڌي سچل خاموش ٿي ويو. ٿوريءَ دير بعد سچل ٻيو دفعو يعقوب کي سڏ ڪيو. يوسف ساڳيو جواب ڏنو. نيٺ ٽئين سڏ جي جواب ۾ سچل، يوسف کي اندر اچڻ لاءِ چيو ۾ اُن ئي رات يوسف کي فيض عنايت ٿيو.

روايت_6:

روايتن ۾ اچي ٿو ته سچل سائين پنهنجي فقيرن کي چيو ته ٻين ٻولين ۾ شعر موجود آهن، کو هنديءَ ۾ ڪلام ٻڌائي. يوسف فقير هنديءَ ۾ ڪيترائي شبد، چوپايون ۽ ٻاڻيون ڳايون. تنهن تي سچل سرمست طرفان ڪيس 'نانڪ' جو لقب مليو ۽ ڪيس امرتسر وڃڻ لاءِ چيو ويو. اهڙيءَ طرح يوسف فقير، کوکر مان 'نانڪ يوسف' ٻڌجي پيو.

سچل سائينءَ جي حڪم تي نانڪ يوسف پنهنجي ٻين ساڻين فقيرن سان امرتسر پهتو ۽ اُتي گرو نانڪ جي گاديءَ تي وڃي ويٺو ۽ گرو نانڪ هجڻ جي دعويٰ ڪرڻ لڳو. سِکن هن جا ڪي امتحان ورتا ۽ انهن مان لنگهي پار ٿيو ۽ پوءِ سِک هن کي مڃڻ لڳا.

حقيقت ۾ اُن وقت انگريزن جي آمد جي ڪري ملڪ جون حالتون بدلجي رهيون هيون ۽ مختلف مذهبن ۽ جاتين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ هئي ۽ ان ڳالهه کي مدنظر رکي سچل سائينءَ روحاني سُڪون پهچائڻ ۽ انساني ٻاڦي کي وڌائڻ جي ارادي سان نانڪ يوسف کي اهڙو نالو ڏيئي، تعصب جي ترازوءَ ۾ ميزان رکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اهڙو قدم کنيو. امرتسر موڪلڻ جو مقصد ئي امن جو پيغام پهچائڻ جو هو.

اَڏوتي:

شاهه ڀٽائيءَ وانگر سچل پڻ جوڳين کان متاثر ٿيو هو ۽ هن سندن باري ۾ پنهنجي ڪلام ۾ خوف ذڪر ڪيو آهي. هو هنن کي ڪڏهن اَڏوتي ٿو سڏي ته ڪڏهن ان ڪلام کي پوربي ڪلام ٿو چوي. ڇاڪاڻ ته اهي جوڳي هندستان جي پورب کان ايندا هئا.

جوڳين آهه نه جنگ، آهن سلوڪي سپ سان،
جيجان هن جهان ۾، هن ڏُريلا تنگ،
ڪنهن جي رتا رنگ، ماڻڪ منهن مشعلا.

جوڳي پانتون پانت، پر منهنجو انگ آڏوتين سان،
سفر ويا ساجهري، رهيا رڳي رات،
طلب تِنين جي تات، راتيان ڏينهان روح کي.

جو پنڌ جوڳيڙن جو، سو آڏوتين آجاءِ،
گنگا ۽ گرنار ڏي، جوڳين پنڌ ڇُڳاءِ،
پنڌ اُنهين کؤن پرناءُ، آڏوتِن کي آءِ،
تان تان تين نه جاءِ، جان جان ريجهن نه رام سان.

گنگا کان گذر آهه، ڪِنين ڪاپڙين جو،
ڪڏهن لوڪ نه لڙيا، سدا تن سفر،
آهي نام مشر، اُنهن آڏوتين جو.

سچل، رام ۽ رحيم کي هڪ ئي پانيو. ساڳئي نموني جيئن ڪبير به سمجهيو ۽ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چيو:

جو هي رام سو هي ڪريم،
جو هي ڪرشن ڪريم،
رام رحيم، ڪرشن ڪريم،
پچ من رام رحيم.

—

رام رحيم هڪو هڪ سمجهه، موج محبت ماڻين،
ڪافر مومن گير نصارو غير گمان نه آڻين،
'خلق الانسان اعليٰ صورتهٖ' ٻول اهو ئي ڄاڻين.

سچ پچ تہ 'سچ' ھڪڙو ئي آھي. رھسيواد[1] مطابق، ادويت واد ۽ اناالحق ۾ ڪوبہ فرق ناھي. جيئن پرماتما کي نہ آد[2] آھي، نہ اَنت آھي، اھڙيءَ طرح تصوف کي بہ آد يا اَنت ناھي، جنھن کي ويدانتي برھم ٿا چون، ان کي صوفي 'مطلق ھستي' ٿا چون. ھندو 'ادم' ٿا چون تہ صوفي 'ھو' ٿا چون.

ٻن مذھبن جو:

ھڪ پاسي 'ايڪو اونڪار' ٻئي پاسي 'وحدت'،
ھڪ پاسي 'ستگرو'، ٻئي پاسي 'مرشد'،
ھڪ پاسي 'آتم گيان'، ٻئي پاسي 'تصوف'،
ھندو 'ست' ٿا چون، صوفي 'حق' ٿا چون،
ويدانتي 'ست ۽ اَست' ۽ صوفي 'فنا ۽ بقا'،
'نرگڻ - سرگڻ' کي نفي اثبات ٿا چون.

آتم گيان ۾ چار اوستائون آھن جاگرت، سپن، سشيتي ۽ تريا. ۽ صوفيءَ جون چار منزلون آھن: شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت. اھڙيءَ طرح گھرائيءَ سان جاچڻ سان سمجھ ۾ ايندو تہ ڳالھ مڙيوئي ساڳي آھي. جڏھن پراڻي (انسان)، پوئين اوستا (عمر) تي پھچي ٿو تہ 'اھم برھم اسمي' چوي ٿو. 'مان برھم آھيان'. صوفيءَ انوسار موجب جڏھن طالب آخري منزل تي اچي ٿو تہ چوي ٿو 'اناالحق'. ويدانتي چوندو 'واسديو سروم' ۽ صوفي چوندو 'ھمہ اوست'.

سچل سرمست ماڻھن مان مذھبي تعصب متائڻ جو خواھان ھو. جڏھن ۽ جتي بي انصافي يا ظلم ٿيو ھن پنھنجي شاعريءَ ذريعي اعتراض جو آواز اُٺاريو. جڏھن ھندن سان زيادتيون ڪيون ويون، ڪي فرمان جاري ڪيا ويا تہ ھن اُن جي مخالفت ڪئي. ھڪ روايت

---

[1] رھسيواد: تصوف، علم غيب
[2] آد: شروعات

موجب هڪ هندو واپاريءَ کي ميرن وٽان آزاد ڪرائڻ لاءِ سچل دربار ۾ شينهن بڻجي آيو (جيئن اڳ ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي) ۽ جڏهن 1818ع ۾ راجا رنجيت سنگهه ملتان ۾ مسلمانن مٿان دهشتگردي ڪئي هئي تہ سچل ان واقعي کي پنهنجي شاعريءَ ۾ نندیو هو.[1]

اهڙيءَ طرح سچل نہ صرف روحاني شاعر هو اناالحق جو شيدائي هو پر ساڳئي وقت سياسي ۽ سماجي حالتن طرف بہ سجاڳ هو ۽ پنهنجي وس آهر هو پنهنجي ڪلام ذريعي تعصب جي تارازوءَ ۾ ميزان رکڻ جي ڪوشش ۾ سرگردان هو.

ڪڏهن عيسيٰ ڪڏهن موسيٰ فرعون ٿي حڪم هلايم ٿي،
ڪڏهن ايازڪڏهن هئس محمود، ڪڏهن نوڪر نام ڌرايم ٿي،
ڪڏهن رام، سيتا ڪڏهن لڇمڻ، ڪڏهن ڏهيسر بڻايم ٿي،
ڪڏهن آنءُ 'سچو' ٿي هت آيس، ڪڏهن روح تاراڳ رسايم ٿي.

•

[1] ڈاڪٽر مخمور بخاري "سچل ساجاهہ شعور".

حسن ۽ عشق

هڪ شاعر جو حسن پرست ۽ عاشقاڻو سياڻ هڻڻ سياويڪ آهي، مگر اسان جي صوفي شاعرن جو عشق حقيقي ٻ، پر مجازي هوندو آهي. پنهنجي خدا لاءِ پنهنجي پروردگار لاءِ شديد پيار. جيڪو جلوو جيڪو حسن، هو پنهنجي نوراني مالڪ ۾ ڏسي ٿو. اهو روحاني هوندو آهي. شاهه لطيف ٻ پنهنجي ڪلام ۾ جابجا حسن جي اهڙي سونهن جو بيان ڪيو آهي:

نازمنجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ،
يونءِ پڙ بسم الله چئي، راهه چمي ٿي رَنڌ.
سائينءَ جو سوڳنڌ، ساجن سينئان سهڻو.

يارت جي پڳتيءَ جي دؤر ۾ جيڪي سنت ۽ شاعر ٿي گذريا آهن، انهن جي شاعريءَ ۾ گهڻي ياڳي ۾ سائين يا پرماتما جي سونهن جو ذڪر اچي ٿو. ڪن ۾ گهٽ ته ڪن وٽ وڌ. سنت ڪبير نروپ ۽ نراڪار پرڀوءَ کي مڃيو هو. ان ڪري هن جي دوهن يا چوپائين ۾ مالڪ جو نور ته آهي، پر روپ ناهي. جڏهن هو سماڌيءَ جي حالت ۾ بقا جي منزل تي پهچي ٿو ته چوي ٿو:

گگن گرجي، برسي امين بادل گهر گنڀير،
جنهن ڏِس دمڪي دامني، پيجي داس ڪبير.

آسمان مان امرت جي ورکا ٿيڻ لڳي ٿي،
بادل گرجڻ لڳن ٿا، وڄ ۾ چمڪي ٿي،
۽ ان وقت داس ڪبير ان امرت ۾ پُسڻ لڳي ٿو.

اهو اُن وقت ٿئي ٿو جڏهن اسين ڏيان ۾ آهيون. جڏهن پاڻ کي غلام سمجهبو ۽ نماڻائي اختيار ڪبي، تڏهن ئي ائين ٿي سگهندو آهي ۽ اهو سڀ ڏيان ۾ ئي ٿئي ٿو.

ڪبير جي ٻاڻيءَ ۾ زندگيءَ جو فلسفو آهي، عملي صورت جي ڳجهارتن جون سمجهاڻيون آهن، جڏهن ته انساني من جو پيد، سماجي ڪُرسمن جي خلاف بغاوت جو آواز آهي، جڏهن ته سچل سائين، سِڌو پنهنجي مالڪ سان مخاطب آهي ۽ هو هن کي پنهنجو معشوق سمجهي ٿو ۽ جذبات ۾ اچي ڳوڙها ڳاڙي ٿو.

ها، ميران ٻائي ۽ سورداس جو شري ڪرشڻ آراڌيہ (آدرش) هو هن کي روپ هو جنهن جي سندرتا جو بيان هُو پنهنجن گيتن ۾ ڪن ٿا:

ميران چوي ٿي:

مئن تو گردر کي گهر جائون،
گردر مارو ساچو پريتم،
ديکت روپ ليائون،
جهان بناوي، تت هي بئنون،
جو دي وو هر گائون.

يا:

مور مڪت پيتامبر سو هي،
ڪنبل کي چوي نياري،
گوورڌن گردّاري.

سُورداس چوي ٿو:

مڌوڪر شيام هماري پور،
من هر لينو ماڌوي صورت
نٽ ڪٽ نند ڪشور.

(ان 'شيام هماري پور' سٽ ۾ ڪيڏو پيار ۽ ڏُلار پوشيدو آهي!)

سورداس ڪي ڪرشن ڪنهيا،
من موهن مرلي ڪي بجئيا،
مک چهڪي جيون پور

(سندس مکڙو صبح سوير جي روشنيءَ وانگر ٻهڪي پيو)

انهن سٽن مان ڪرشن جو من موهيندڙ چهرو، مرلي وڄائيندو اکين اڳيان تري اچي ٿو.

سنڌ جي ويهين صديءَ جي صوفي، شاعر ۽ سنت، ساڌو ٽي.ايل. واسواڻيءَ ٻه پنهنجي ڪلام ۾ ڪنهن هڪ مذهب کي نه مڃي، سڀني مذهبي اوتارن کي احترام وچان مڃيو آهي ۽ قبوليو آهي. هن ڀڳوت گيتا کي مڃيو آهي ته قرآن شريف کي ٻه مڃيو آهي. هو ايشور جي نراڪار روپ کي مڃيندي ٻه سڀني ڌرمن جي روحاني رهبرن، يسوع مسيح، زراشترا، گوتم ٻُڌ ۽ مهاوير جي مورتن کي آدر[1] وچان ماٿهن اڳيان رکي ٿو. روايتي پوڄا پاٺ جي پنڊتن جو ڪنڊن[2] ڪندي ٻه رام ۽ ڪرشن جو پرستار آهي، مگر هن جو حقيقي آراڌيه[3] شري ڪرشن آهي، جنهن کي هو اڪثر پنهنجي سپني ۾ ڏسندو هو ۽ گيت لکندو هو.

---

[1] آدر: عزت
[2] ڪنڊن: مخالفت
[3] آراڌيه: آدرش، مثالي مالڪ

اڄ رات تہ گوپيون گڏجي آڇو آيو جمنا ڪناري،
محبت جي موج ۾ جيڪو نند لعل وينو نهاري.

هن کي سڄل سائينءَ وانگر ڪائنات جي ذري ذري ۾ پنهنجي محبوب جو درشن ملي ٿو.

گل ڏٺم هڪ باغ ۾، سو گل بہ تون، سو گل بہ تون،
بلبل گيت ڳايو سا بلبل بہ تون، سا بلبل بہ تون.

سڄل سائين چيو هو:

پاڻ وڃائي پاڻ، ڳولي لهج پاڻ،
پاڻ مُنجهائي پاڻ کي، پوندءِ ڇاڻ سڃاڻ،
مکڙ اکر هڪڙو ئي، سوئي کير سياڻ،
اهو اٿيئي اهجاڻ، ڳهلا انهيءَ ڳالهه جو.

بيدل فقير اهو ساڳيو خيال هن ريت پيش ڪيو هو:

پاڻ نہ ڪٽج پاڻ سان، پاڻ سڃاڻج پاڻ،
آ ساجن تو هي ساڻ، تون ڳولين بي طرف ڏي

ءِ ساڏو واسواڻي چوي ٿو:

ڪجهہ نہ ڪڻ تون پاڻ سان، هن عشق جي بازار ۾.

سڄل سائينءَ وانگر هو پنهنجي پريتم جي جدائيءَ ۾ روئي روئي برهہ جا گيت بہ ڳائي ٿو:

ساجن سائين سڻ حال ڪريان مان، روئي روئي
آب اکين ۾، آلين اکين سان، دل ڏوئي ڏوئي
يؤ ساگر پاري پاري، تيز تکو آ پاڻي پاڻي
اٽتارو ڪيئن تران مان، ڏي مون کي باجهہ جي باڻي،
سڻ حال ڪريان مان روئي روئي.....

هنن صوفي فقيرن کي جڙ تہ عشق جو ٻاڻ لڳل آهي. هو حسن جا ٻہ شيدائي آهن. سچل سائينءَ جي عشق ۾ ورهہ جو درد آهي، تڙپ آهي، لوڇ آهي، بيقراري آهي. هن پنهنجي ڪلام ۾ حسن ۽ عشق جون ڳالهيون اهڙي شديد نموني سان پيش ڪيون آهن، ان ۾ ايڏي جذبات ۽ ايڏو جمال آهي، جو اهي بيمثال ٻڌجي پيئون آهن. ڪڏهن هو محبوب جي نشيلي نيٽن جو بيان ڪري ٿو تہ ڪڏهن ڪارن زلفن جون. معشوق جون اکيون ڪڏهن باز سان ٿو پيٽي، ڪڏهن عقاب سان، ڪڏهن شهباز تہ ڪڏهن شراب جي نشي مثل ٿيون پائنڊجن ۽ محبوب جو حسن ڏسي عاشق بيگانو ٻڌجي ٿو پوي ۽ اهو سڀ ڏٺي ٿو سالڪ ۽ مالڪ جي وچ ۾.

محبوبان ديان نيِ اکيان بحري، سڀ ڪنهن سيني لڙڪن،
چَنڊ نال ڪيتس چٽسالي، نور ستاري جهڙڪن،
زلفان مار سياهہ دي وانگڻ، ڳل دي اتون لڙڪن،
عاشقان دي مارڻ ڪيتي، پيري پيري پڙڪن،
'سچل' ويک خيال انهان دا، صدها عاشق ڦڙڪن.

محبوب جون اکيون ستارن جي نور جيان جهڙڪن ٿيون، ڪارا زلف نانگڻ وانگر ڳلن تي لڙڪن ٿا. اکيون جهڙڪن ٿيون، وار لڙڪن ٿا ۽ عاشق تڙپن ٿا.

زري باز سهڻي ديان اکيان، شوقي زور شڪاري،
ڪيفي شور شرابي هونديان، خاصيان خاص خماري،
عاشقان دي او دل نون 'سچل'، ڪرديان قوت گذاري.

۽ هن تي غور فرمايو:

چشمان شور شراب مثالي، غمزي رنگ گلابي،
نظر گهتن جنهن طرف اُتي، تنهن طرف ٿيوي بيتابي.

مشتاقان دي دليان ڏهون، ڪر ديان شير شتابي،
سَٽن جهٽڙ تي پٽ ڪاوَن، 'سچل' عين عذابي.

سچل جي الاهي عشق ۾ ايڏي تہ شدت ۽ گهرائي هئي ۽ هن جي جمالياتي نظر يا ڪلپنا ايڏي تہ تکي هئي، جو هو پنهنجي محبوب جي پگهر جي قطرن جي مشابهت موتيءَ جي داڻن سان ٿو ڪري.

چمڪن جهلڪن جهمڪن، رُخ تي، واهہ موتي دي داڻي،
ساڳي صورت حق دي ويکو جي ڪوئي آڻ سجاڻي،
جهلڪن جوڙ جيسن تي جادو يا سهني ڪون پاڻي،
'سچل' قدر انهان دا جاڻان، يا وت آپ اُو جاڻي.

ڇا ڪمال تصور جو آهي ۽ ڇا چوندڙ لفظن جي آهي!

•

نماڻو فقير

نماڻو فقير هڪ هندو ناري هئي، جنهن جو اصلوڪو نالو هاسي ٻائي هو. هن جو جنم شڪارپور سنڌ ۾ 1881ع ۾ هڪ سڻي خاندان ۾ ٿيو هو. سندس شادي هڪ وڏي گهراڻي ۾ ٿي هئي. سندس پتي ڏرمي خيالن جو هو ۽ اڪثر تيرٿ ياترا ڪندو رهندو هو. پنهنجي پتنيءَ کي به ساڻ وٺي ويندو هو.

هڪ روايت آهي ته هڪ دفعي هوءَ درازا ۾ ويئي هئي، جتي سخي قبول محمد گادي نشين هو. جڏهن درشن ڪري موڪلائڻ لڳي ته سخي ڏاتار کانئن پڇيو "وري ڪڏهن ايندا؟" هوءَ کي جواب نه ڏيئي سگهي. ان وقت کيس واپس ورڻ جو ارادو هوئي ڪونه. کين اها به ڄاڻ ڪٽي هئي ته درازن سان هنن جو ازل کان ناتو هو.

پنهنجي پتيءَ جي اوچتي ديهانت جو هاسي ٻائيءَ کي گهٽو صدمو رسيو ۽ هوءَ بيمار ٿي پيئي. سندن ڏير کين هردوار وٺي ويو. اُتي هر رات هن کي سپني ۾ هڪ شخص ڏسڻ ايندو هو. جنهن کي اَڇي سلوار ۽ اڇو ڪڙتو پيل هوندو هو ۽ متي تي سائي دستار ٻڌل هوندي هئي. هاسي ٻائي هڪ رات سپني ۾ کانئن پڇيو "اوهين ڪير آهيو؟"

هنن جواب ڏنو "مان درازن جو فقير قبول محمد آهيان ۽ اوهان کي وٺڻ آيو آهيان." هنن کين اهو به ٻڌايو ته "ڪي مسافر درازن ۾ اچڻا آهن، اوهين هنن سان گڏ هتي اچو."

واقعي هن کي اهي مسافر ملي ويا، جن سان گڏ هوءَ درازن ۾ پهچي ويئي. اُتي اهڙو ويئي، جو پندرهن سال موٽي نه آئي.

سچي داتا کين پنهنجي ڏرم جي نياڻي ڪيو ائين فرمائي: "اسان کي پٽ گهٽيئي آهن، نياڻي فقط هڪ آهي." ان ڪري هن کي مرداڻو لقب 'نماڻو فقير' عطا ڪيائون.

هن پندرهن ورهيه نهايت نياز ۾ حليمائيءَ سان گاديسرن (سجاده نشينن) جي شيوا ڪئي ۽ پوءِ هن حيدرآباد ۾ اچي نواس ڪيو ۽ پنهنجي سنگت قائم ڪئي. اُتي سندس هڪ مريد لچارام ڪيس رسالا روڊ تي نئون گهر ڏنو. هر روز اُتي ستسنگ ۾ بالڪيون ڇڪجي ايندیون هيون. هوءَ کين گُرمکي سيکاريندي هئي ۽ کين گرو گرنٿ به پڙهڻ سيکاريائين.

پارت جي ورهاڱي بعد هوءَ پارت ۾ آئي ۽ بڙودي ۾ قيام ڪيائين. اُتي پنهنجو آستان بڻايائين. گهڻي تعداد ۾ سنڌي سندس مريد بڻيا. هوءَ بمبئي ويندي هئي، جتي پڻ ستسنگ ٿيندو هو ۽ چؤنڪيون لڳنديون هيون ۽ اڄ تائين لڳنديون اچن. هن پنهنجو خاڪي چولو 23 مارچ 1962ع ۾ ڇڏيو. ان کان اڳ هن پشپا کي پنهنجي دين جي نياڻي بڻايو ۽ کيس پنهنجو گيڙو چولو پهرايو هو. نماڻي فقير جون هنيون درازا ۾ سچل جي صحن ۾ سماڌ ورتيون/دفنايون ويون.

اڄ به مختلف شهرن ۾ نماڻي فقير جا آستان آهن، جتي هر مهيني ۽ هر هفتي چؤنڪيون لڳنديون آهن. اُتي سچل سائينءَ جا توڙي نماڻي فقير جا ڪلام ڳايا ويندا آهن. رام پنجواڻيءَ جي برپا ڪيل بمبئيءَ جي سيتا ڀوَن ۾ باقاعدي چونڪيون لڳنديون آهن، جتي پارو چاولا توڙي ٻيا سچل ۽ نماڻي فقير جا ڪلام وجد ۾ ڳايا ويندا آهن.

•

منهنجو پنهنجو تجربو

مون کي سنہ 1982ع ۾ بمبئيءَ ۾ نور بيگم آڏواٽيءَ جي گھر ھڪ اھڙي چونڪيءَ ۾ حاضر رھڻ جو موقعو مليو ھو.

مان ڪجھ ڏينھن بعد، سنڈو سيا پاران پوني ۾ پنھنجي "گيت رامايڻ" ۾ ڊانس بئلي سان گڏ سموھ گيتن[1] (Chorus) جو پروگرام پيش ڪري رھي ھئس ۾ منھنجي ڪورس راڳن جي آئٽم ۾ نور بيگم جي به شرڪت ھئي، يعني ته ھوءَ ڳائيندڙ مان ھڪ گايڪا ھئي. پرئڪٽس ڪانپوءِ مونکي سڄي ڏينھن لاءِ پنھنجي گھر وڃي وئي ھئي ۾ ان شام ھن گھر ۾ چونڪيءَ ۾ حاضر رھڻ جو مون کي سھڻو موقعو مليو.

ڪجھ ڏينھن بعد ھن کي به سندس ھسبنڊ (مڙس) سوڏو منھنجي فنڪشن لاءِ پوني اچڻو پيو ۾ ھو ٻئي منھنجي گھر مھمان ٿي رھيا. پروگرام پوري ٽيڻ بعد اسين رات جو ستنگ روم ۾ ڪافي پي رھيا ھئاسين ته ھن مون کان پڇيو: "جنھن نموني تون ٻيا پروگرام اسٽيج تي ڪاميابيءَ سان پيش ڪرين ٿي، ڇو نہ سڄل سائينءَ جي چونڪيءَ کي منچ (اسٽيج) تي پيش ڪرين، جنھن ۾ ان زماني جو ترنم ھجي، گايڪي ھجي ۾ شاعري به ھجي. ان طرح اسين سڄل سائينءَ جي حياتيءَ جون جھلڪيون عوام اڳيان آڻي سگھنداسين."

[1] سموھ گيت: ڪورس راڳ

مان سوچ ۾ پئجي ويس. ٿوريءَ دير بعد چيم: "اهو جيڪو سُجهاءُ تو ڏنو آهي، آ هي تمام سهڻو پر ڏکيو پڻ آهي. مون کي سوچڻو پوندو. اول ته سچل سرمست جي حياتيءَ جو توڙي ڪلام جو اپياس ڪرڻو پوندو ۽ پوءِ ان بَالهه تي غور ڪندس."

اڄ ٽيهن سالن کانپوءِ ان باري ۾ ڪجهه لکڻ جي جرئت ڪري رهي آهيان ۽ غور ڪري رهي آهيان.

مون اکيون پوريون ۽ خيالن ۾ گُم ٿي ويس. پنهنجي تصور ۾ کوهجي ويس.

شام جو سمو آهي. مان هڪڙي جهنگ مان پنڌ ڪري رهي آهيان. گهاٽن وڻن جي وچ ۾ هڪ پيچرو نهيل آهي ۽ منهنجا پير اُن پيچري تي پئجي رهيا آهن. اوچتو طوفان ڇُٽو. وڻ ڏُڌڻ لڳا ۽ انهن مان پن چٽي هوا ۾ اُڏامڻ لڳا. پوءِ به منهنجو پنڌ جاري رهيو. بادلن گجگوڙ ڪئي. سجو نظارو رات جي اونداهيءَ ۾ ويڙهجي ويو ۽ پوءِ گجگوڙ سان گڏ وِڄ چمڪي. ان بجليءَ جي ڪٽڪ روشنيءَ ۾ مون کي هڪ عمارت جو پاڇو نظر آيو. وري اَنڌڪار... ٻيهر بجلي چمڪي ۽ پوءِ مون ڏٺو ته اها عمارت هڪ مسجد جي شڪل جي هئي يا ڪا درگاهه. درگاهه جي ڇت مٿان ننڍا گُنبڊ نظر آيا. هڪ وچ ۾ وڏو. جنهن جي چئني طرفن کان چار ننڍا گُنبڊ هئا. درين جي جڳهه تي سيمنٽ جون جاريون لڳل هيون ۽ اندران برٻل روشنيءَ سان. انهن جارين مان روشني ڇٽي، ساڳيا جاريءَ وارا ڇِٽ، پٽ تي چٽي رهي هئي. ان ڏيمي روشنيءَ جي آڌار تي مان اڳيان وڌندي ويس.

جيئن مان اڳتي وڌيس، ان عمارت جي اندران موسيقيءَ جي سُرن جو آواز منهنجي ڪنن تي پيو. راڳ سان گڏ تانپوري ۽ سارنگيءَ جو سنگيت وجي رهيو هو. طبلي ۽ ڊولڪ جي تال تي ڪو ڳائي رهيو هو. هن اونداهي، برساتي رات ۾، هن سُنسان جڳهه تي هي ڇا ٿي رهيو

آهي؟ مان سوچڻ لڳيس. مگر هاڻي منهنجو ڊپ دور ٿي ويو هو. مان درگاهه جي لنگهه وٽ پهچي ويئي هئس.

هڪ وچولي قد وارو فقير، رنگ گورو، مُک تي نوراني نور، اکين ۾ خمار، وجد جي حالت ۾ ڳائي رهيو هو. هو بينو هو. ڪڏهن گول گول نچي ٻه رهيو هو. هن جي هٿن ۾ تنبورو هو. سفيد ڪپڑا پهريل هئس. متي تي سائي رنگ جو فقيراڻو ڪلاهه ٻڌل هئس. چوڌاري ويڙل فقير خوب واهه واهه ڪري رهيا هئا. هو ڳائي رهيو هو، هو سراپا نور هو:

مئن تو گهرولي ڀردي هان،
هردم رب رب ڪردي هان، مئن تو گهڙولي ڀردي هان.

پِير پيران، حضرت ميران،
نام ڳڏي جنهن ٽٽيان زنجيران،
ڪام مرشد ڪردي هان، مئن تو گهڙولي ڀردي هان.

نُوح نبي دي ٻيڙي آئي،
جنهن وچ حضرت محب الاهي،
صدق ٻيڙي تي چڙهدي هان، مئن تو گهڙولي ڀردي هان.

حَسن حُسين علي دا ڇايا،
بار امت دا سِر تي ڇايا،
ٻانهي شاهه حيدر دي هان، مئن تو گهڙولي ڀردي هان.

سڄل سارا نور الاهي،
حضرت پير هئم همراهي،
هردم رب رب ڪردي هان، مئن تو گهڙولي ڀردي هان.

ها، پولي سرائڪي آهي، آواز بلند، سريلو ۽ پرسوز ۽ اندازِ بيان جڙ تہ گايڪ جو آواز سندس دل کي چيري نڪري رهيو هو.

ها، هيءُ سچل سرمست ئي آهي، جڳھ درازا جيان پيئي پاسجي. هِتي هُتي ڪي مرد وينا آهن. ڪي ڏسڻ سان ئي فقير پيا پاسجن. هنن کي ڏاڙهيون هيون تہ مٿي تي ٽوپيون بہ هيون. پريان ڪي زالون بہ پٽَ تي وينيون هيون.

مان سوچڻ لڳيس تہ جيتري قدر مون کي خبر آهي، عورت جي عبادتگاھ ۾ وڃڻ تي پابندي هوندي آهي، پوءِ هي زالون هتي ڪيئن ۽ ڇو وينيون آهن؟

هاڻي سچل سائينءَ جو ڪلام تقريباً پورو ٿيڻ تي هو. محفل خوب متل هئي. فقير واھ واھ ڪرڻ ۾ مشغول هئا. ڏيري ڏيري سازن جو آواز ڏيمو ٿيندو ويو. سچل سائين پنهنجيءَ جاءِ تي ويهي رهيو.

فقيرن جا 'مُڪرر مُڪرر'، 'نہ هڪ ٻيو هڪ ٻيو' جا نعرا اچي رهيا هئا. سچل سائين هٿ جي اِشاري سان سيني کي شانت ڪيو ۽ پوءِ چيو: "هاڻي **ميان قادر بخش بيدل** پنهنجو ڪلام پيش ڪندو."

بيدل اُٺي بينو ۽ گهٽيءَ عزت سان سلام ڪيائين. هڪ انوکي انداز سان هٿ پير هلائي ڪلام پيش ڪرڻ لڳو.

ڪڏهن منجهہ حضور جي، ظاهر سوز سيس ڪٽايان،
ڪڏهن وچ درازان ويهي، دردئون درد ڏُکايان.

۽ ڳالهائيندي عرض ڪيائين: "اڄ اهو ئي ٿي رهيو آهي ۽ منهنجي خواهش پوري ٿي رهي آهي."

هو وري ڳائڻ لڳو:

عشق جو درازن ۾ عجب اِسرار ڏٺم.
مست سالڪ من سچو عارف اُتي اظهاريو ڏٺم.
قربدار جي ڪٽڪ ۾ مرد محبدار هو.
در تنهين داتا جي بيدل، پرت جو پينار هو.

"واهه، واهه ڪهڙي ڳالهه ڪجي! واهه قبلا واهه!!"

مون کي اچانڪ خيال آيو ته اهڙي دلپذير محفل ۾ جيڪر هند سنڌ جا شاعر شامل هجن ته ڪهڙو نه سٺو ٿئي. پر اُهو ڪيئن ممڪن آهي؟

ڇڙ ته ڪنهن منهنجو خيال پڙهي ورتو هو.

اوچتو آواز آيو "مان سميه (وقت) آهيان. مان هن وقت هڪ مقام تي بيهي ويو آهيان. هينئر نه ماضي آهي، نه مستقبل. يا ائين سمجهو ته بيئي آهن. ڇئن پيڙهين جا شاعر، حق جا شيدائي هن سماع ۾ شامل آهن. اوهين بيشڪ لطف اندوز ٿيو.

مون ڇڻي طرف نهاريو. هوا ۾ هڪ سميه، گهڙي لٽڪيل هئي. شيشي جي بن پُڙن واري گهگهي. گهگهيءَ جا به پُڙ هڪبئي ۾ ڳنڍيل هئا. مٿئين پُڙ ۾ سنهڙي ريتي پريل هئي، جيڪا وچ واري ٽُنگ مان هيٺئين پُڙ ۾ ڪِري رهي هئي.

مان وقت کي بيهاري ٿو ڇڏيان.

ريتي هينئر هيٺئين پُڙ ۾ ڪِرڻ بند ٿي ويئي.

ها، وقت بيهجي ويو. هتي ۽ هِن وقت.

۽ مون چؤڌاري نهاريو. هند جون ويهين صديءَ جون شاعر ۽ شاعرائون اچي ويٺيون هيون. واهه! هي ته ڪمال ٿي ويو ۽ هاڻي هيءَ محفل وڌيڪ دلچسپ ۽ دلربا ٿيندي.

هاڻي سچل سائينءَ هڪ فقير کي مخاطب ٿيندي چيو "ميان عبدالله ڪاتيار! اوهين پنهنجو ڪلام پيش ڪريو."

"جي حضور!"

ساز وڄڻ شروع ٿيا ۽ ڪاتيار ڳائڻ لڳو:

هر ڪنهن صورت منهنجو
هر ڪنهن مورت جانب منهنجو
پاڻ صورت پنهنجي پسي ٿو.

هو ور ور انهن سٽن کي دهرائي ٿو ۽ سڀ هن کي داد ڏين ٿا.

"هڪ ٻيو ٽي وڃي ميان ڪاتيار! اهو بيحد مختصر هو."

"جو حڪم سائين!"

۽ ڪاتيار وري ڳائڻ لڳي ٿو:

ناز منا نيٽن جا ڪنهن ڪئون سڪئين؟
ڪهه مون پرين!

نيڻ منا ناز پريا،
ميان او سيبائين سيڻن جا
ڪنهن ڪئون سڪئين؟ ڪهه او پرين!

عبدالله کي موهيو اڪڙين،
او ميان ڳل نه هئي ڪنهن جي
ڪنهن ڪئون سڪئين؟
ڪهه او پرين!

عبدالله ڪاتيار جي ڪلام ۾ جادو هو. لفظن ۾ ڪٽار هئي، سُرن ۾ تاثير هو. گائڪيءَ جو انداز بهترين ۽ سازن جو ساٿ بينظير هو.

جڏهن 'ڪنهن ڪئون سڪئين، ڪهه ميان!' ٿي چيائين ته هتن جي اشارن سان سوال ٿي پڇيائين. اکين سان پاڻ کي ٿئي اظهاريائين. سڀ ويڻل فقير جهومڻ لڳا. اصل موج ۾ اچي ويا. ڪلام ختم ٿيڻ تي هو پنهنجي جڳهه تي ويهي رهيو.

سچل سائين **نانڪ يوسف فقير** ڏانهن نهاريو. هو اکين جي ٻولي سمجهي ويو ۽ ڳائڻ لڳو:

آ خدا دلبر آندا، دلبر آندا ميرا ڍولڻا،
غيبون ڪري ظهور، مورت بن بن آندا.

نئون نئون پوشاڪ پائسون، لک لک رنگ بناوي،
آپ سريجن پرگهٽ هو ڪي، آيا ويس مٽاوي،
جوڙ پساري ڪري نظاري، عالم ديک پلاندا،

هڪڙيان وڃ پراڻ ڪتابان، هڪڙيان پسم لگادي،
هڪڙيان پٽ بهمڻ جوڳي، ڦرتي عجب بنادي،
صرف هڪو هڪ نڪته سمجهڻ، گهر گهٽ آندا جاندا.

بن ڪرپا گُر پيغمبر ڪس پڳٽ بنائي پوري،
سچي سر دکاوي سارا، نوري مرد حضوري،
ڪيهه چرن گُرديو ڪي جيئڙا، ڳالهڙي گڻ ڳاندا.

آيا ڪلجڳ دور زمانا، ڪو ڪس ڪهيا نه ماني،
هڪ حاڪم هڪ ساڌو سڏاوان، ڪئي قاضي ملواني،
خلق خراب خودي وچ پهچي، من حيرت وچ ماندا.

نانڪ يوسف پئي ٻلهاري، مليا سنت سچارا،
شهر درازين جاءِ تهين دي، عرب عجم جڳ سارا،
اندر باهر آپ سري سر، انحد ناد بجاندا.

ڪلام جي پڄاڻيءَ وقت خوب جهانجهه وڄڻ لڳا، شنک وڄڻ لڳا، توتارا وڄڻ لڳا، مٽان وري طبلي ۽ ڍولڪ جا ٻڌڪا، سنگيت کي تال ڏيئي رهيا هئا، جڏ تہ سچ پچ انحد ناد وڄڻ لڳا هئا.

مون محسوس ڪيو تہ نانڪ يوسف جي سرائڪي ڪلام ۾ ڪيترا هندي شبد هئا. برابر ان ڪارڻ ئي سچل سائينءَ کيس 'نانڪ' جو لقب ڏنو هو. سچل جون سڄو وقت اکيون ٻوٽيل هيون. شعر ختم ٿيڻ تي هن پنهنجون اکيون کوليون.

هاڻي سچل سائينءَ يعقوب فقير ڏانهن نهاريو.

يعقوب فقير فرمايو: "سائين اوهان جي اِجازت هجي تہ مان بلها شاهه جو ڪلام پيش ڪريان."

بيشڪ، يعقوب ميان اِرشاد!

الله دل رتا ميرا،
مينون 'ب' دي خبر نہ ڪائي،
'ب' پڙهيان ڪجهه سمجهه نہ آوي،
اُلفت دي لذت آئي
'ع' ني 'ع' دا فرق نہ جانان،
ايهه گل 'الف' سمجهائي،
بليها قول الف دي پوري
جهڙي دل دي ڪرن صفائي.

تڏهن سچل سرمست جي مُک مان امالڪ نڪتو:

'الف' باب مطالع ڪيجئي، 'ب' 'تي' 'ثي' نہ سڏيجي،
آوڙ الله، جاوڙ هو اهو دائم دم ڏريجي،
نال يقينن تصور وچ، سبق سنيال پڙهيجي،
ڏوجهي باب 'خ' دي، سچل ڪنهن جي ڪاڻ نہ ڳڻيجي.

"واهہ واهہ سائين، ان موضوع تي هڪ ٻيو ڪلام اچي ويجي."
"جهڙي اوهان جي مرضي، آءٌ مُلن مولوين کي مخاطب آهيان."

مُلان چوڙ ڪتابان، پيوين مئہ دي پيالي،
پاڪ تنهين وچ خالي ٿيوين مستان مَت متوالي،
سچل سبق وسار ڪراهڙ هو وين محبت والي.

"مڪرر مڪرر" جا آواز اچڻ لڳا. سچل سائين جهومڻ لڳو ۽ هن کي ڏسي ٻيا شاعر به جهومڻ لڳا ۽ 'حق حق' ڪرڻ لڳا ۽ مان سوچڻ لڳس ته هي جيڪو مان ڏسي رهي آهيان، سو خواب آهي يا حقيقت.

منهنجي من مون کي جواب ڏنو "هي تنهنجو تصور آهي ۽ ان کي خواب به سمجهي سگهين ٿي. تون پلي پاڻ کي ڇُهندڙي پائي ڏس." مون ڇهندڙي پاتي، پر ڪجهہ ڪونہ ٿيو. "توکي منچ (استيج) تي پيش ڪرڻ لاءِ سچل سائينءَ جي جيون سان وابستہ جيڪو نظارو ڪپندو هو اهو ملي ويو آهي. تون پاڻ کي خوشنصيب سمجهہ."

ها، برابر. هن وقت، وقت بيٺل آهي. لڳ ڀڳ چئن صدين جا شاعر هن سماع ۾ ياڳ (حصو) ونڊي رهيا آهن. ان کان بهتر موقعو کهڙو ملي سگهندو. هيءُ نظارو ايڪويهين صديءَ جي ڏسندڙن (درشڪن) لاءِ پيش ڪرڻ جو موقعو وري ڪٽان ملندو.

۽ سچل سائينءَ جو آواز منهنجي ڪنن تي پيو:

"هاڻي مان عرض ڪندس نماڻي فقير کي تہ پنهنجو ڪلام پيش ڪري"

نماڻو فقير (هاسي ٻائي) جا حقيقت ۾ هڪ عورت هئي، ادب ۾ اُتي بيني ۽ ٻئي هٿ جوڙي سچل سائينءَ کي نمسکار ڪرڻ لڳي.
۽ پوءِ هوءَ ويهي رهي ۽ ڳائڻ لڳي:

آءُ منا منڌار،
هڪ دم نہ ٿيءُ مون کان ڌار،
آءُ منهنجا ڪوهيار،
آءُ منهنجا پنهون يار،
منهنجا سائين جدائيءَ جيءُ جلايو،
آءُ منا منڌار!

درازي آءُ منهنجي ويڙهي،
ڪانڌ پوان ٿي پيري،
منهنجا سائين، طلب تنهنجي آهي تپايو،
آءُ منهنجا ڪوهيار!

تنهنجي ڏسڻ لاءِ حيران،
ٿي آهيان ڏاڍي پريشان،
منهنجا سائين سورن آ مون کي ستايو،
آءُ منهنجا پنهون يار!

تو بن منا ڪريان ڪيئن،
روئان پيئي راتيان ڏينهان،
منهنجا سائين واڳ وطن ڏي ورايو،
آءُ منا منڌار!

ڪائڙ پيئڙ زهر تو بن آ،
نند آرام نہ نيڻن آ،
منهنجا سائين ڏيئي دوا درد مٽايو
آءُ منهنجا ڪوهيار!

سخي سهڻا تولاءِ جيءُ جلي،
ڪنهنجو نہ پريتم چالو چلي،
منهنجا سائين نماڻيءَ کي چرنن ۾ سمايو
آءُ منهنجا پنهون يار.

چؤڏاري واهہ واهہ ٿيڻ لڳي. نماڻو فقير (هاسي ٻائي) عزت وچان جهڪي، هٿ ٻڌي ويهي رهي.

هاڻي سچل سائينءَ پنهنجون اکيون کوليون ۽ گڏي چندريان ڏانهن نهاريو.

"هاڻي مان درخواست ڪندس محترمہ **گڏي چندريان** کي، جيڪا خاص اسان جي سڏ تي هتي پڌاري آئي آهي، تہ ڪجهہ پيش ڪري. گڏي صاحبہ مشهور **پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ** جي سڳي ڀيڻ آهي ۽ هن جي مالڪ سان لِنوَ لڳل آهي."

گڏيءَ پهرين هٿ جوڙيا، سموري سنگت کي ڪيڪاريو ۽ ڳائڻ شروع ڪيو. گڏيءَ جي هٿ ۾ ڪڙتالون هيون ۽ نيڻن ۾ خماري ۽ لبن تي مسڪراهٽ.

پنهنجي ذات لکائي ڪيئن ٻي ڪا ذات سڏايان،
ظاهر ڪريان ذات کي يا هيءُ بُت ڇپايان.

(واهہ واهہ خوب فرمايو خوب!) ڏسندڙن وٽان آواز اچڻ لڳا.

"اسان وٽ هتي هند جو وڏو شاعر ۽ ڳائڻو ڳڀگت وجھڻ ۾ ماهر، عالم موجود آهي. هاڻي مان پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي عرض ڪندس تہ هڪ ڪلام ڪوبہ هجي، پيش ڪري" سچل سائينءَ فرمايو.

"سائين جن، اها تہ اسان جي خوشقسمتي آهي، اسين تہ اوهان جا مريد آهيون، چيلا آهيون. توهان جي سامهون آءٌ بينو آهيان ۽ مون کي ڳائڻ لاءِ چيو ويو آهي. ان کان وڌيڪ خوشنصيبي ڇا ٿيندي؟"

"ارشاد، پنجواڻي صاحب، ارشاد."

رام پنجواڻي اُٿي بينو ۽ پنهنجي انداز سان، هٿ پير هلائي ائڪشن ۾ ڳائڻ لڳو:

ڪيهي ڪيان مهماني،
يار سڄڻ منهنجي گهر آيو.
دوست اڳڻ منهنجي آيو.
گهوٽ اڳڻ منهنجي آيو.

"واهہ، واهہ، واهہ واهہ!"

رام پنجواڻيءَ کي سنڌي ڳڀگتن جھڙو چولو پهريل هو. مٿي تي پٽڪو ۽ پيرن ۾ چير ٻڌل هئس. هو دلچسپ انداز سان ڳائيندو پئي هليو ۽ نچندو پئي هليو. ڪڏهن ڳڀگتن واريون گهوماٽيون پئي پاتائين. لفظن جي معنائن مطابق سندس چهري جا پاوَ مٽجندا رهيا ۽ هٿ کڄندا پئي ويا.

آڙي ڪيهي ڪيان مهماني،
دوست گڏيو دلجاءِ ٿي، هينئري لٿي حيراني،
يار اڳڻ منهنجي آيو.

هن وڙ لائق هوس نہ آئون، محبن ڪئي مهرباني،
يار اڳڻ منهنجي آيو!

هو گھٹي اُمنگ ۾ جذبات سان ڳائي رهيو هو. اوچتو گول گول ڦرڻ لڳو.

مشڪل جا هئي اسان کي، اها ڪيئي آساني،
يار اڳڻ منهنجي آيو!

(چوڌاري فقير وجد ۾ اچي ويا ۽ حق حق چوڻ لڳا. سچل سائين پاڻ جهومي رهيو هو.)

فضل ڪرم سان پاڻ بخشيائون، سچوءَ کي سلطاني،
يار اڳڻ منهنجي آيو!

"هاڻي باقي تي محترمائون، جيڪي هندستان مان آيون آهن: **پارو چاولا، ايشوري جوتواڻي ۽ نور بيگم آڏواڻي**، پنهنجا ڪلام ڳائي ٻڌائين، بغير ڪنهن رڪاوٽ جي. هي ٽيئي حق جون شيدائي آهن ۽ ان مستيءَ ۾ رڳيل آهن." ائين چئي سچل سائين ويهي رهيو.

تڏهن ڪاتيار اُٽي ٻينو ۽ وڏي خلوص سان چوڻ لڳو "سائين منهنجا، گستاخي معاف! مگر مان سڃڻن کي ياد ڏيارڻ چاهيان ٿو ته اسان وٽ صرف پندرهن منٽ باقي آهن. هن وقت برابر وقت ٻينو آهي. اسان وقت کان صرف هڪ ڪلاڪ گهريو هو. هي ڏسو ڳاڙهي بتي، جا ٽِم ٽِم ڪري رهي آهي. اها اسان کي ياد ڏيارائي رهي آهي. پندرهن منٽن ۾ توتارو وڃندو ۽ اسين سڀ 'حال' ۾ موتي ايندا سين ۽ هن سماع جي پُڄاڻي ٿيندي."

"مار، وقت کان آزاد هوندي به اسين هن وقت ۾ بڌل آهيون!" مون عجب وچان پنهنجي دل کي چيو.

هو پارو چاولا کي اِشارو ڪري ٿو "محترمہ چاولا صاحبہ! اوهين ڪجهہ پيش ڪريو."

پارو چاولا اُتي بيٺي ۽ ڏاڍي سهڻي انداز سان ڳائڻ لڳي:

آنءُ ٻانهي تون سائين، پاتم پاند ڳچيءَ ۾،
آنءُ ٻانهي تون سائين، پاتم پاند ڳچيءَ ۾ ڪيڙو.

طرفئون تنهنجي ستگُر سائين، ڪانگ اچن من ڪائين،
نانءُ ڏٽيءَ جي مهر پويئي ڪا، ٿورا مون تي لائين.

روز ازل کئون تنهنجڙي آهيان، غير نہ مون کي پائئيو
هڪڙي ساعت اڳُڻ سچوءَ جي، پير مُبارڪ پائين.

هوءَ ور ور چوڻ لڳي:

هڪڙي ساعت اڳُڻ سچوءَ جي، پير مبارڪ پائين.

واه واه ڪهڙي ڳالهه چئجي. واهه واهه حاظرينن وٽان آواز اچڻ لڳا. "اڳُڻ سچوءَ جي پير مبارڪ پائين."

سيئي گڏجي ڳائڻ لڳن ٿا:

"هڪڙي ساعت اڳُڻ سچوءَ جي پير مبارڪ پائين."

۽ پارو ڳائيندي رهي هئي. "پاتم پاند ڳچيءَ ۾ ڪيڙو."

هن سچ پچ گهٽي نياز ۽ نمرتا سان ڳچيءَ ۾ پنهنجي ساڙهيءَ جي پلوَ سان پاند پاتو هو.

جهومندي جهومندي هوءَ ويهي رهي. ساز بند ٿيڻ کان اڳ سچل فرمايو: "هاڻي ايشوري صاحب اوهان ڪجهه پيش ڪريو."

"ها، مهربان سائين، اسين تہ پارت ۾ وڏي چوج[1] سان اوهان کي ڳائيندیون آهيون. مان پنهنجن شاگردن کي اوهان جا ڪلام ٻڌائيندي آهيان، معنيٰ سمجهائيندي آهيان ۽ ڳائيندي آهيان. پيش خدمت آهي:

[1] چوج: پيار، جذبو

جاني جدائيءَ ماريو ڏينهن ڏهلا گهوريا،
اصل لاکون آهيان اوهان جي، هيءَ ويچاري نا وساريو.

نانءَ سائينءَ جي اسان نماڻن سان، اچي مون سان گڏ گهاريو.
مشتاقن ڏي مهر ٻئي کان، کٽي نيٽ نهاريو.
پري نہ پاٽئون يار ڪريجو پنهنجي وٽ وِهاريو.
سڪ سچل آهي در تنهنجي جو پنهنجي ڪيڙ قطاريو.

جاني جُدائيءَ ماريو
هيءُ ويچاري تا وساريو
اچي مون سان گڏ گهاريو
کٽي نيٽ نهاريو
پنهنجي وٽ وِهاريو
پنهنجي ڪيڙ قطاريو.

ايشوري ڳائيندي ويئي، جهومندي ويئي ۽ سچل سائينءَ کي التجا ڪندي ويئي:

هيءُ ويچاري نہ وساريو
مون سان گڏ گهاريو.

چوڌاري نعرا بلند ٿيڻ لڳا. "خوب چيو خوب چيو اوهان. حق حق، حق حق." ايشوري ڳائيندي ڳائيندي ويهي رهي.

هاڻي وارو هو نور بيگم آڏواڻيءَ جو. هوءَ اُٺي بيٺي. سچل سائينءَ کي جهڪي نمسڪار ڪيائين ۽ چوڻ لڳي، "سائين، مون کي اجازت ڏيو تہ مان اوهان جا ئي لکيل ہ ننڍڙا ڪلام پيش ڪريان."

سچل سائين ريتيءَ جي گهڙيءَ ڏانهن نهاريو ۽ چيو "ها، بيشڪ!"

رهو مون وٽ رات، اڙي پانڌيو پرينءَ جا!
آءٌ اوهان تان صدقي، جا وائي منهنجي وات:
پيان اکڙين سان، ٻاروچياٽي جات،
راتو ڏينهان روح کي، تن جي آهي تات،
هئي هميشہ ساٿيو سچل سندو ساٿ.

"'ماشاءَالله سچل سندو ساٿ'، واهہ واهہ خوب چيو."
ءِ ٻيو ڪلام پيش آهي:

ريءَ ڪجل نُڪير وجهن ٽيون، سي ڪيئن سرمو پائن،
وار جنين جا وسهير ڪارا، سي ڪيئن سيندڙ چٽائن...
ڏند جنين جا ماٽڪ موتي، سي ڪيئن سر تي لائن،
جايون جنين جون درس درازين، سي سچل نانءُ سڏائن.

نور بيگم ڪلام جي لفظن ءِ سُرن ۾ ڪوهجي ويئي هئي. سندس ڳائڻ ءِ انداز ۾ عجيب مستي هئي، جنهن جو تاثر حاضرين شاعرن تي پئجي رهيو هو. هوءَ مُجسم حسن بڻجي پيئي هئي.
اوچتو سيپيئي فقير اُٺي ڳائڻ لڳا:

ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي،
آنءُ جوئي آهيان، سوئي آهيان.

مان جوئي آهيان سوئي آهيان،
ڪو خاص چوي ڪو عام چوي،
ڪو پختو پوءِ ڪو خام چوي،

آءُ جوئي آهيان، سوئي آهيان،
آنءُ جوئي آهيان، سوئي آهيان.

سموري فضا ڪلام جي لفظن ۾ موسيقيءَ جي سُرن سان گونجڻ لڳي. سميہ (وقت جي) گھڙيءَ جون سرخ بتيون، رقص ۾ شامل ٿي ويون ۽ گھڙيءَ جي گھنڊڻيءَ جو آواز سُرن مٽان وڃڻ لڳو.

اوچتو سيپ فقير گم ٿي ويا، صرف پارو چاولا، ايشوري جوتواٽي ۽ نور بيگم اُتي هڪ ٻئي ڏانهن نهارينديون رهجي ويون.

- ۽ مان پريان بيهي اهو نظارو (درشيہ) ڏسندي رهيس ۽ پاڻ کي ڏنيہ[1] سمجھڻ لڳس. ڏنيہ پاڳ منهنجا جومون کي اهو سپ ڏسڻ لاءِ مليو.

هاڻي شايد مان نور بيگم جي سپني کي ساڪار[2] ڪري سگھنديس.

•

[1] ڏنيہ: پاڳ واري
[2] ساڪار: ساڃيان

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

Culture Department

Government of Sindh